

[شاعري]

پيار جون وايون گيت

مرتب:
مبين اجڻ
شبير حسن گبول

سقلتا
پبليڪيشن

پيار جون وايون گيت [شاعري] مبين اجڻ | شبير حسن گبول سقلتا پبليڪيشن

سنڌي شاعريءَ جو سفر روان دوان آهي. ان سفر ۾ ڪي مسافر پراڻن پيچرن کان پري ٿيڻ نه ٿا چاهن ته ڪي وري سدائين نون آڪاسن ڏانهن اڏامڻ جي آس رکن ٿا. مان سمجهان ٿو اڄ جو تخليقڪار نئين فڪر ۽ جديت حسيت کان لاتعلق نه آهي. پر ائين به آهي ته ڪجهه تخليقڪار اڃا به پنهنجي فڪر ۽ تخليق جي دائري جديد دنيا سان ڳنڍڻ ۽ وسيع ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن. اڄ جڏهن ادب جديديت پڇاڙان جي دور کي به اوورٽيڪ ڪري چڪو آهي تڏهن به اسان جا ڪي شاعر پنهنجن ڳالهين تان قدامت جي ڳنڍڙي لاهڻ کان نابري واري ويٺا آهن. اهڙي صورتحال ۾ ادب جي ترقي سواليه نشان بڻجي ويندي آهي. جديد دور ۾ اليڪٽرونڪ ميڊيا کان پوءِ سوشل ميڊيا جي جهجهي استعمال سبب لاشڪ تخليقڪار هڪ ٻئي سان تڪڙي تعلق ۾ اچي ويا آهن ۽ تڪڙن رابطن جي نتيجي ۾ هن قسم جا ڪتاب، جن ۾ مختلف تخليقڪار جون تخليقون شامل هونديون آهن، وڌيڪ ڇپجي رهيا آهن. اڳي هن قسم جو ڪم رسالن ۾ ٿيندو هو. ڪيترن ئي رسالن ۾ هر مهيني "هڪ شاعر" سلسلي هيٺ هڪ شاعر جون ڪيتريون ئي تخليقون شايع ٿينديون هيون ۽ سال ۾ ٻارنهن شاعرن جا سوين شعر پڙهڻ لاءِ ملندا هئا. پر هاڻي رسالن جي اڻاٺ سبب اسان جا مختلف شاعر دوست هن قسم جي سهيڙ ڪري رهيا آهن. مان ذاتي طور هن قسم جي سهيڙ کي مختلف طريقن سان ورهڻ جي حق ۾ آهيان. مثلاً "هڪ شهر جا شاعر، هڪ صنف جو ڪتاب، هڪ وزن تي لکيل غزلن جي سهيڙ وغيره. ان سان هن قسم جي ڪتابن جي اهميت وڌندي هي ڪتاب "پيار جون وايون گيت" جو عنوان ڏسي لڳو ته ان ۾ رڳو وايون ۽ گيت ئي هوندا پر پڙهڻ سان خبر پئي ته ان ۾ ته جدا جدا شاعرن جي شاعريءَ جون مختلف صنفون موجود آهن. مان پنهنجن نوجوان شاعر دوستن شبير حسن گبول ۽ مبين اجڻ کي هن گڏيل شاعري جي مجموعي کي محنت سان ڇپائڻ ۽ سيني شاعرن جي ڪلام کي سهڻي نموني سهيڙڻ تي ڀليڪار ڏيان ٿو.

ڊاڪٽر احسان دانش

sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران چونڊ سنڌي شاعرن جي شاعريءَ جو گڏيل مجموعو **”پيار جون وايون گيت“** اوهان اڳيان حاضر آهي. جنهن جا مرتب مبين اڄڻ ۽ شبير حسن گبول آهن

هن ڪتاب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي 14 چونڊ شاعرن جي شاعريءَ کي شامل ڪيو ويو آهي هر شاعر ۽ تخليقڪار جي شاعريءَ جي پنهنجي خوشبو، لهجو ۽ سواد آهي، تنهنڪري هي ڪتاب هڪ نرالو ۽ منفرد شاعريءَ جو مجموعو لڳي ٿو

هي ڪتاب سيپٽمبر 2023ع ۾ بخاري پبليڪيشن، لاڙڪاڻو پاران ڇپايو ويو، جنهن جي پي ڊي ايف ڪاپي مبين اڄڻ جي ٿورن سان پيش ڪجي ٿي

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.
اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

پيار جون وايون گيت

(گڏيل شاعري)

مرتب:

شبير حسن گبول

مبين اجڻ

كتاب نمبر:

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

كتاب جو نالو: پيار جون وايون گيت

موضوع: مختلف شاعرن جي شاعري

مرتب: مبين اجڻ

سال: سيپٽمبر2023ع

ڇاپو: پهريون

ڪمپوزنگ لي آئوٽ: بخاري پبليڪيشن لاڙڪاڻو

0300_3419181

مُلھ :

Book No:

Book Name: Piyaar Jun wayun Geet

Copmiled by:Shabeer Hasan Gabol and Mubeen Ujan

1 st Eddition: September 2023

Composing & Layout: Bukhari Publication Larkana

0300_3419181

Price:

ستاءُ

٭ارپنا		04
٭ پبلشر نوٽ		05
٭ صبر شڪر همت جو پيڪر نوجوان شاعر مبين اڇڻ	غوث بخش عباسي	06
٭ پنهنجي پاران	مبين اڇڻ	07
٭براهوئي سائين جي.ايم.رئيساڻي	تعارف/شاعري	09
٭ زيب ڪنگو	تعارف/شاعري	20
٭مير حسن مهيسر	تعارف/شاعري	28
٭ ناشاد شوڪت	تعارف/شاعري	39
٭رحيم ڪوسو	تعارف/شاعري	47
٭ فياض ڏاهاڻي	تعارف/شاعري	54
٭الله ڏنو هالاڻي	تعارف/شاعري	59
٭ اياز شاهه اداسي	تعارف/شاعري	62
٭ ثناءُ الله	تعارف/شاعري	67
٭ مهر فقير	تعارف/شاعري	73
٭ اٽڪت گبول	تعارف/شاعري	82
٭ ايم حنيف دل	تعارف/شاعري	88
٭ شبير حسن گبول	تعارف/شاعري	91
٭ مبين اڇڻ	تعارف/شاعري	110

ارپنا

امڙ سائڻ، بابا سائين
پائرن، پينرن ، پائٽين پاٽيجن
۽ پنهنجي محسن شخصيتون
محترم جناب پاسبان ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ صدر عبدالشڪور صاحب
محترم جناب ظهير احمد لاڙڪ صاحب
محترم جناب ايڊووڪيٽ محمد طارق مهيسر صاحب
محترم جناب سيد فياض انور بخاري صاحب
محترم جناب مشتاق بخاري صاحب
محترم جناب تنها سخاوت شيخ صاحب
محترم جناب حبدار توتاڻي صاحب
محترم جناب سائين جي ايم رئيساڻي صاحب
محترم جناب عامر انصاري صاحب
۽ محترمہ ادي چام صنم سنڌي صاحبہ ليڪڪا

مبين اڇڻ

پبلشر نوٽ

books.sindhsalamat.com

صبر شڪر همت جو پيڪر نوجوان شاعر مبين اڄڻ

هيءَ ڪائنات الله تعاليٰ جي حسين مظهر آهي. صدين کان محيط آهي ۽ روزِ محشر تائين پئي هلندي. هتي شاهڪارن جو ڪرشمو آهي. هر فرد پنهنجي فن فڪر ۽ پورهئي ۾ مصروف آهي. ڪي مصروفيتون محنتون، ڪاوشون ڏات سان سلهاڙيل آهن، جن مان فنونِ لطيفہ جهان جي جڙاوت نما ڏيک ويک پئي ڏي. هن ماڳ تي سورن جو قلمڪار جنهن ٻالجتي جي جهولي کان ڏک سُور سختيون، بيدرديءَ وارا وڇوڙا سهندي هڪ ارڏو انمول نظر آيو. پنهنجي همٿ ۽ جوان مرديءَ سان وري بہ صبر شڪر ۽ همٿ سان ظلم جي نگريءَ ۾ پساهہ پيو کڻي.

مبين اڄڻ جي معصوم ڀيڻ روبينہ اڄڻ جو ظالمانہ بيدرديءَ سان قتل ٿيو انهيءَ اُره زور آورين کان پنتي نہ هٽندو اڄ بہ سندس پوڙهي امڙ ڀائر ۽ ڀينرون اِن اوسيئڙي ۾ ويٺيون آهن تہ ڪڏهن ٿو انصاف ملي؟

مبين اڄڻ ادبي کيتر جي جيڪا آبياري ڪري ٿو سا خشڪ زمين کي سيراب ڪري ٿي، ڪي دوست شاعر حضرات پنهنجا شعر شايع نہ ڪرائي سگهيا آهن ۽ ڪورن ورقن ۾ رکي ويٺا آهن، انهن جي شاعري هڪ تعارف سان سُونهن ۾ سونهي ٿي. اَدَي مبين اڄڻ کي جس آهي جو گڏيل شاعري هڪ خوبصورت گلن جي گل دستي جيئان جنهن مان سرجڻهارن جا رنگين گل مختلف رنگن ۽ خوشبوءِ سان هٻڪارن جي سرير بخشن ٿا.

مبين ٿوري عرصي ۾ ڪاوش، ڪوشش ۽ ذوق سان اٺ عدد تصنيفون شايع ڪرايون جن ۾ هڪ نثر جي تصنيف ”شهيد روبينہ اڄڻ جي خون سان انصاف وارو سوال؟“ سندس جي هيءَ نائين ڪڙي بعنوان ”پيار جون وايون گيت“ لطيفہ گو جي هڪ لطافت پئي بکي. اهو بہ وڏو جس آهي جو تصنيف کي شايع ڪرائي پنهنجي هڙان وڙان وندي ورهائي ٿو.

هن دعا سان تہ مبين کي الله تعاليٰ انصاف پلئہ وجهي، سندس کي اجان بہ سگهہ ۽ ساٽيهہ بخشي، صحت سلامتي ۽ گهرو خوشحالي عطا فرمائي. آمين يا رب العالمين.

غوث بخش عباسي
خادم کُهڙائي (خيرپور)
28 جون 2023ع

sindhsalamat.com

پنهنجي پاران

گل سرءِ واءَ ۾، ڪنهن وقت ڇڻي ويٺو آ،
آءَ سرهاڻ کي پڪڙيون، تون ڇڏي ڏي گل کي.
شيخ اياز

سنڌ جي عظيم شاعر شيخ اياز جي مٿين سٽن جيان مون به زندگي جي ڇڻڻ کان يعني مرڻ کان اڳ ڪوشش ڪئي آهي ته مان پنهنجي قلمي پورهئي سان سنڌ ڌرتي جي شاعر، قلمڪار ساٿين سان گڏجي پنهنجي ۽ قلمڪار ڀائرن ڀينرن جي لکڻين سان تاريخ ۾ جاءِ جوڙڻ سان گڏ سرهاڻ پکڙي سنڌ امڙ جي اگهور ننڊ ستل عوام کي سجاڳ ڪريان! جيڪڏهن منهنجي ۽ منهنجي ساٿي قلمڪارن جي تخليقن سان سنڌ جو هڪ به ماڻهو به سجاڳ ٿي پيو ته آئون سمجهان ٿو ته منهنجي محنت سڦل ٿي.

شاعر سماج مان شعور حاصل ڪري ٿو. شاعر به هڪ انسان آهي ۽ هن سماج جو حصو آهي، ڪيس جهڙو سماج ملندو تهڙو ئي شعور سندس شاعريءَ مان بڪندو.

هن منهنجي گڏيل شاعري جي ڪتاب نالي **"پيار جون وايون گيت"** ۾ پڻ شاعر دوستن جيڪو هن وقت سنڌ جي اندر رهندڙ پنهنجي اکين سان ڏٺو سندن ۽ سنڌ سان ٿيندڙ ناانصافين کي سَنو ۽ محسوس ڪيو آهي اهوئي پنهنجي لکڻين جي ذريعي هن ڪتاب ۾ پيش ڪيو آهي.

شيخ اياز چيو آهي ته:

توڙي ڪاري ٻاٽ، توڙي اوکو ماڳ،
ٻاريندا سين ساٿيو آنڌهي ۾ پي لاٽ،
ملي ويندي واٽ، متان ير ماند ٿيو.

مون پنهنجي ٻچپن کان جوانيءَ تائين بک بدحالي، زماني جا درد سور سهندي روشن صبح جي انتظار ۾ زندگيءَ جا 32 سال گذريا آهن. اميد اٿم ته اڄ نه سڀاڻي سنڌ خوشحال سکي ستابي ٿيندي ۽ آزادي ضرور ماڻيندي.

books.sindhsalamat.com

آئون پنهنجي هن گڏيل شاعريءَ جي نئين ڪتاب آڻڻ جو سمورو ڪريڊيٽ نوجوان ڏهرڪي، گهوٽڪي جي قبيلي سان واسطو رکندڙ نوجوان شاعر دوست شبير حسن گبول جن کي ڏيندس جيڪو هن ڪتاب کي اوهان جي هٿن تائين پهچائڻ جي لاءِ مونکي همٿائيندو رهيو. باقي ميسيج اهو آهي ته جيڪڏهن ادا شبير گبول ڪتاب ڇپائڻ لاءِ ساٿ نه ڏي ها ته هي ڪتاب ڇپجي نه سگهي ها.

آخر ۾ آئون انهن سڀني همدرد ساٿين ڀائرن، ڀينرن کي ضرور ياد ڪندس جن هميشه مون ناچيز کي پنهنجي مفيد مشورن سان گڏ پرخلوص محبتون عزتون ارپيون آهن. خاص الخاص ٿورا ادي ڄام صنم سنڌي ليکڪا، ڪالم نگار، شاعره ڀيڻ جا جنهن مونکي ننڍو ڀاءُ سمجهي سدائين منهنجي اصلاح سان گڏ هر ڏک ۾ مالي ۽ اخلاقي مدد ڪئي آهي. مان سندن جو دل سان احترام ڪندي ادي جن جي محبتن، احسانن جي لاءِ تاعمر دعاگو آهيان ۽ ٻيا محترم دوست جن ۾ منهنجو ادبي محسن ادي شهيد روبينه اڇڻ جي ڪيس ۾ مدد ڪندڙ محترم استاد ظهير احمد لاڙڪ صاحب، محترم ايڊووڪيٽ محمد طارق مهيسر صاحب ۽ پيارا دوست هرهڪ حبدار ٿوٿاڻي، معصوم بخاري، زيب ڪنگو نويد ناز اڇڻ، عامر انصاري، معشوق محسن ابڙو علي، عباس ڪليري پنهنجي صابرين ڀاءُ رٻڏني اڇڻ ۽ سائين جي.ايم.رئيساڻي صاحب جن جي ڏنل پيار عزتن مان خلوص جو دل حضور سان شڪرگذار جن هميشه جيان منهنجي ڪتاب ۾ شامل ٿي ڪري منهنجي ڪتاب کي ۽ مونکي اعزاز بخشيو.

سنڌ سلامت، ساٿ سلامت
دعاگو عالمِ انسانيت جي لاءِ
شاعر مبين اڇڻ
جنم ڀومي کمڙا
01 سيپٽمبر 2023ع
موبائيل نمبر: 0302_3216877

☆☆☆

sindhsalamat.com

تعارف

نالو:۔ براھوئي غلام محمد رئيساڻي
ادبي نالو:۔براھوئي سائين جي.ايم. رئيساڻي
والد جو نالو:۔ براھوئي مير حمزعلي رئيساڻي
ادبي حيثيت:۔ ”استاد الشعراء و شمس العروض“
جنم تاريخ:۔ 13 اپريل 1965ع
جنم هنڌ:۔ چوھڙپور تعلقو ۽ ضلعو لاڙڪاڻو
ڇپيل ڪتاب:۔ (1)قلمڪار ڪوي 2009ع
(2)وقت جي واڪاڻ 2010ع
(3)تمغہ امتياز2012 ع
(4)سنڌ جي قديم تاريخ جو هڪ ورق2015 ع
(5)بهار البحار (علم عروض) 2021 ع
(6) علم عروض کا قانون
(7) ارکان البحار

اڻ ڇپيل:۔ (1)براھوئي و بلوچ (سنڌي ۾)، (2)سنڌو ديش دراوڙ ديش(تاريخ)، (3)علم عروض کا قانون (اردو ۽سنڌي ۾)، (4)بحر وزن (اردو ۽سنڌي ۾)، (5)نائون ڊڪشنري انگلش تو سنڌي(6)براھوئي قبائل(اردو ۾)، (7)براھوئي زبان کل زبانون کي مان ھي(اردو ۾)

لکڻ جي شروعات:۔ :77۔1976ع کان،

ادبي استاد:۔(1)استادالشعراء نثار بزمي(2) محترم اشرف زمان پيرچندامي (3)محترم مولوي امان الله مفلح مهر (4) محترم نذير احمد ڏيهو (5) استادالشعراء رحمت الله شوق شڪارپوري (6)محترم جمال الدين جوڳي جمالي (7)استادالشعراء اميد خيرپوري (8) استادالشعراء غلام مرتضيٰ اعظم عباسي، (9)استادالشعراء حڪيم ضياء الدين ضياء جتوئي، (10) استادالشعراء غلام نبي ثاقب بروھي (11)استادالشعراء محترم عزتمآب سائين سرمد چانڊيو.

تعليم:۔ مولوي عالم فاضل عربڪ، سندالتحصيل المدرس، ايم اي اسلامڪ ڪلچر، بي ايڊ، ايم ايڊ.

ڪرت:۔ گورنمينٽ هاءاسڪول ٽيچر بي پي ايس 20.

رهائش ۽ هاڻوڪو پتو:۔ عيدگاه محلو مدئجي، پوسٽ آفيس نمبر78030مدئجي

فون نمبر:۔0308۔3494122   0345۔3784122

books.sindhsalamat.com

لوڪ گيت

ڇم ڇم ڇيرن جي، او پايل پيرن جي،
خيال تہ ڪر او پرين، آ محفل غيرن جي،

ڇم ڇم تنھنجي ڇرڪائي ٿي،
دل هٿن مان ترڪائي ٿي،
ڇم ڇم ڇيرن جي،
او پايل پيرن جي.

تنھنجي پيرن واري پايل،
مون کي ڪيو آ ڏاڍو گھايل،
ڇم ڇم ڇيرن جي،
او پايل پيرن جي.

چال اوهان جي آهي سُهاني،
توتي منھنجي دل ديواني،
ڇم ڇم ڇيرن جي،
او پايل پيرن جي.

ايندي آهين ائين جنھن دم،
روح ”رئيساڻي“ تڙپي تنهن دم،
ڇم ڇم ڇيرن جي،
او پايل پيرن جي.

☆

sindhsalamat.com

لوڪ گيت

ميندي ميھڙ جي، گھوٽ لاءِ گھرايان،
ميندي ميھڙ جي.

سيج سھڻل جي، لاڙئون گھرايان،
تنھن کي گھر ۾، خوب سجايان،
ءِ ميندي ميھڙ جي.

تاج سھڻل جو لاڙئون گھرايان،
تنھن کي پنھنجي ھٿن سان پھرايان،
ءِ ميندي ميھڙ جي.

ڄڄ ”رئيساڻي“ مانَ واري،
آھي شادي شانَ واري،
ءِ ميندي ميھڙ جي.

books.sindhsalamat.com

لوڪ گيت

ڏي چلڙو نشاني، پرڏيھي پکيئڙا،
آ توسان، دل جاني
پرڏيھي پکيئڙا.

چلڙو پائي، روح وندرايان،
چا بہ ٿي پئي ڪين لاھيان،
آ توسان، دل جاني
پرڏيھي پکيئڙا.

چلڙو تنھنجو ساھ ۾ سانڍي،
ساڻ ڪٽندس، جاڏي ڪاڏي،
آ توسان، دل جاني
پرڏيھي پکيئڙا.

توبن ناھي، ڪائي بھاري،
جلد ڪجانءِ موٽڻ واري،
آ توسان، دل جاني
پرڏيھي پکيئڙا.

سُورَ چلڙي، ساڻ سليندس،
راھ ”رئيساڻي“، مان تڪيندس،
آ توسان، دل جاني
پرڏيھي پکيئڙا.

sindhsalamat.com

لوڪ گيت

توبن جيون ڪي، پانيان تي بيڪار مان،
توبن جيون ڪي
پانيان تي بيڪار مان.

دنيا ۾ هرهاج به آهين، منهنجي مٿي جو تاج به آهين،
توبن جيون ڪي
پانيان تي بيڪار مان.

توسان منهنجو پيار نهي تو تنهنجي خاطر سينگار نهي تو
توبن جيون ڪي
پانيان تي بيڪار مان.

توسان منهنجو پيوند آهي، توتان گهوري هيءَ جندُ آهي،
توبن جيون ڪي
پانيان تي بيڪار مان.

توسان محب ”رئيساڻي“، آهي پيار جي پڇاڻي،
توبن جيون ڪي
پانيان تي بيڪار مان.

☆

books.sindhsalamat.com

لوڪ گيت

پنهنجو خيال ته ڪر، وار نه ڪولي ائين گهمر،
لڳئي نه ڪنهن جي نظر،
وار نه ڪولي ائين گهمر.

شهر جا ماڻهو ديوانا، توتي آهن پروانا،
آ هرڪو مست مگر،
لڳئي نه ڪنهن جي نظر،
وار نه ڪولي ائين گهمر.

هي نه عاشق اڪيلو آهي، در تنهنجي تي ميلو آهي،
هي عشق جو آهي چڪر،
لڳئي نه ڪنهن جي نظر،
وار نه ڪولي ائين گهمر.

عشق جو ڪيف طاري آهي، توبهه زاري زاري آهي،
ڪيڏو آهي اثر،
لڳئي نه ڪنهن جي نظر،
وار نه ڪولي ائين گهمر.

روحَ، وِرونهن آ ”رئيساڻي“ پيار پريم جي ناهي پڇاڻي،
پُر آهي نينهن نگر،
لڳئي نه ڪنهن جي نظر،
وار نه ڪولي ائين گهمر.

☆

sindhsalamat.com

ڪافي

پاڻ پلي پل پاڻ،
پنهنجو پاڻ ڪان پاڻ پيارا.

نور نسورو نور نوراني،
تون ئي آهين صورت ثاني،
جاڻ اهو ئي جاڻ،
پنهنجو پاڻ ڪان پاڻ پيارا.

آدم اولي ٻوليون ٻولي،
اڄاڻايون فرحيون ڦولهي،
توڙي رهي تو ساڻ،
پنهنجو پاڻ ڪان پاڻ پيارا.

الانسان راز رحماني،
آدم آهي عين عياني،
”ڪُل مِن اَمرِ“ ڪاڻ،

پنهنجو پاڻ ڪان پاڻ پيارا.

آديسي آ رُوحُ ”رئيساڻي،
جيسين آهي داڻو پاڻي،
تيسين ماڻيو مهراڻ،
پنهنجو پاڻ ڪان پاڻ پيارا.

☆

books.sindhsalamat.com

ڪافي

منهنجو درجو آ، شاه سڪندر،
شاه سڪندر، شاه سڪندر
دنيا جي اندر.

ظاهر، باطن ٻولَي فرضي،
ٽيندي جيڪا، منهنجي مرضي،
منهنجو حامي، حاضر حيدر،
دنيا جي اندر.

ڪوئي جاڻي، ڪين سڃاڻي،
عقل تائين، چڪي تاڻي،
ڪنهنجو آهيان هاڻي مظهر،
دنيا جي اندر.

ٻولي ٿي نرمل، نوراني،
هي راز ”رئيساڻي، لافاني،
محبوب مدامي آ منظر،
دنيا جي اندر.

☆

sindhsalamat.com

وائي

نيٽين بادل آٽي،
ٺم ٺم برسي پوندين،
رم جهم برسي پوندين.
پاڻ سهيلين وچ ۾،
مون سان نسبت ڏيئي،
گم سم برسي پوندين.

سيني ۾ سِڪَ سانڍي،
آئين ڪين اجا تون،
همدم برسي پوندين.

جيئري مون ڪان جدائيون،
ناحق مَرَتي منهنجي،
دم دم برسي پوندين.

جي.ايم.رئيساڻي،
وسريو ناهي توکان،
سندم برسي پوندين.

☆

books.sindhsalamat.com

وائي

توکي ساريندي، آلا نيڻ ٿيا،
آلا نيڻ ٿيا.

گهگهه اونداهيءَ ۾، بتي باريندي،
آلا نيڻ ٿيا.

سڏڪي تنهنجي لاءِ، راهه نهاريندي،
آلا نيڻ ٿيا.

توريءَ گهر ۾ مان، تنها گهاريندي،
آلا نيڻ ٿيا.

گلدستن تي گل، عطر هاريندي،
آلا نيڻ ٿيا.

ڪنهن ڪارڻ تنهنجو نانءُ اچاريندي،
آلا نيڻ ٿيا.

الماڙيءَ مان ڪي، ورق ورائيندي،
آلا نيڻ ٿيا.

فوٽو تنهنجو ڏسي، ڪتب قطاريندي،
آلا نيڻ ٿيا.

sindhsalamat.com

ها نر ناري ڏنم، گهر کي ٻهاريندي،
آلا نيڻ ٿيا.

توبن هٿڙي مان، هينئڙو هاريندي،
آلا نيڻ ٿيا.

”رئيساڻي“ هٿڙا، ماٿي ماريندي،
آلا نيڻ ٿيا.

☆

زيب ڪنگو
تعارف



نالو:ـاورنگزيب ڪنگو. (زيب ڪنگو)
ولديت:ـ قادر ڏنو خان ڪنگو
ذات:ـڪنگو
جنم:ـ03 مارچ 1960 ع
جنم هنڌ:ـ ڳوٺ ڪنگا لاڙڪاڻو
پرائمري تعليم:ـ ڳوٺ ڪنگا
سال ۾ اسڪول جو نالو 1970ع گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڳوٺ ڪنگا
هائير سيڪنڊري تعليم:ـ سال ۾ ڪاليج جو نالو گورنمينٽ پائلٽ هائير اينڊ سيڪنڊري اسڪول لاڙڪاڻو ميٽرڪ 1976ع BA سچل سرمست اوريئنٽل ڪاليج لاڙڪاڻو 1979ع. وڌيڪ ڊگريون:ـ MA سال ۾ 1982ع يونيورسٽيءَ جو نالو سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو
پسنديده استاد:ـ سائين علي محمد مغيري (جو ڪجهه ڏينهن اڳ انتقال ٿي ويو)
همعصر شاعر / ليکڪ:ـ ايوب کوسو، شهمير سومرو
شاعري يا نثر ۾ استاد:ـ استاد اشرف زمان پير چنڊامي
ڪنهن کان متاثر ٿي لکڻ شروع ڪيو:ـ شروع ۾ ٻاراڻي ادب ڪهاڻيون لکيون جيڪي گل ڦل رسالي ۾ ڇپيون ان کان علاوه شاعري سنڌ جي ڪافي رسالن ۾ شايع ٿينديون رهي آهي
شايع ٿيل ڪتاب:ـ
احساس جو ڪتڪتايون 2003ع (شاعري)
خواب رقص ۾ 2020ع (شاعري)
ديد جو درشن (شاعري) ڇپائي جي آخري مرحلي ۾
ٻ ٻن ڪتابن جو مواد
ان کان علاوه گڏيل شاعري جا ڪتاب:ـسونهن جا همسفر . شاعري ڳالهائي ٿي، وايون مهڪيون واٽ تي، مرتب مبين اڇڻ
ڏيل ڏنگي تي ڏات، جهونڪا پورب واءُ جا
موتين مالها شاعري، زنگجي ويل خواب . اکين جي اڪيلائي، مرتب مبين اڇڻ پبلشر بخاريءَ پبليڪيشن لاڙڪاڻو
نوڪري جي شروعات:ـ اسسٽنٽ سپرنٽيڊنٽ جيل 1984ع.
آخري پوسٽنگ سينيئر سپرنٽينڊنٽ جيل لانڍي ڪراچي مان 2020ع ۾ رٽائرڊ ڪيو، هاڻي اسلام آباد ۾ رهائش آهي.

غزل

جيئن پوپٽ ڦرن ٿا گلابن پٺيان،
ننڊ ڊوڙي پئي تيئنئن خوابن پٺيان .

فرض پورو ادا ٿي سگھيو ڪين هو،
عمر گذري گناهن ثوابن پٺيان.

ڪول چهرو وري، عام ديدار ٿئي،
ڇوڪري ڇو لڪين ٿي نقابن پٺيان.

دين ايمان جي ڪين ڳڻتي هئي،
لوڪ پاگل ڏسان ٿو شبابن پٺيان.

ياد تنهنجي لڪائي پئي شاعري،
سوچ محدود ناهي ڪتابن پٺيان.

چنڊ جو عڪس هو يا هئي اپسرا،
سونهن چمڪي پئي ٿي حجابن پٺيان.

خيال تنهنجا ڳڻي دل به پرجي وئي،
ڪير پوڳي اجان هن حسابن پٺيان.

جام هٿ ۾ هيو ديد توتي پئي،
ڪو به ساقي نه هو پڻ شرابن پٺيان.

تو مٿائي هوا جو وئين رخ پرين،
”زيب“ هلندو رهي ٿو ترابن پٺيان.

☆

غزل

هرڪو ماڻهون مستيءَ ۾ آ،
سڀ ڪجھ تنهنجي بستيءَ ۾ آ.

خير گهران ٿو رب کان پنهنجو،
جنهن جي هٿ ۾ هستيءَ ۾ آ.

لهرن کان ڊپ کهڙو رکجي،
عمر گذاري ڪشتيءَ ۾ آ.

دور وڃان پيو ڪاڏي تنهن کان،
ساهه منو جنهن سرتيءَ ۾ آ.

پاڙو منهنجون هيث ڪتل هن،
جيون جو وڻ ڌرتيءَ ۾ آ.

ساهڙ تو سان ساٿ سلامت،
دشمن جو منهن پستيءَ ۾ آ.

”زيب“ رهي ٿو تنهنجي پر ۾،
وينل تنهنجي وستيءَ ۾ آ.

☆

غزل

ڪا ملي تو سوا خوشي ناهي،
هي اداسي بہ ڪنهن ڏني ناهي.

گم ويو ٿي مٿي اڏاريندي،
دز اکين تان اجان لٿي ناهي.

خوف جو هو بہ وقت آ باقي،
ياد ڪي باھ جو لڳي ناهي.

روز آڪاس ٿو مَٿي چهرو،
پو بہ ڏرتيءَ ڪئي سچي ناهي.

هي ڪلا بي ڪلا رهي اڪثر،
دار تي ڪا بہ جو پڳي ناهي.

خواب اک مان تہ لاب ٿيندا ويا،
ڪا بہ حسرت وري ستي ناهي.

”زيب“ خاموش ٿي نہ هو وينو،
تو مگر ڳالهہ ڪا ٻڌي ناهي.

☆

غزل

گهٽ گهير هو ڏيڪاري ٿي ديوتا وڃي ٿو.
وڇ سير ۾ اتاري، ٿي ديوتا وڃي ٿو.

خالي هٿين اسان جو جنهن جي تڏي پڳاسون،
ڪنهنجي چڏي سهاري ٿي ديوتا وڃي ٿو.

سوچون سوال آهن، ڪوئي جواب ناهي،
سارا مثال ٻاري، ٿي ديوتا وڃي ٿو.

قاتل نگاھ دم دم، بيوس وئي ٻٽائي،
پاڳل ڪري نهاري، ٿي ديوتا وڃي ٿو.

ماري وجهي نہ شايد، مون کي ستم ظريفي،
سک ڏوڙ ۾ اڏاري، ٿي ديوتا وڃي ٿو.

چاهت عجيب آهي در در پٽي رلائي،
محبوب هن ڪناري، ٿي ديوتا وڃي ٿو.

ها سبز خواب مون کي، دلبر ڏنا اکين ۾،
هاڻي خوشي ٻهاري، ٿي ديوتا وڃي ٿو.

اڄ ڪير ٿو ٻڌي ڏس، آواز ”زيب“ جو هي،
جنهنکي بہ ٿو پڪاري، ٿي ديوتا وڃي ٿو.

☆

غزل

منهنجي دل جو علاج ٿي جيڪر،
تون ڪلين پو مساج ٿي جيڪر.

ڪيڙ تون پيي پيار جي پوکي،
خوبصورت سماج ٿي جيڪر.

روز تنهنجي رسڻ مٿان دلبر،
شهر ۾ احتجاج ٿي جيڪر.

پيار کي پائجي ڪري چولو،
عشق سر جو ئي تاج ٿي جيڪر.

زندگي پر رهي سدا روشن،
ڪين هي گُلُ سراج ٿي جيڪر.

دل ونڻ دل ڏيڻ هجي سولو،
جڳ ۾ اهڙو رواج ٿي جيڪر.

ڪو سليقو ٻڌاءِ جيئڻ جو،
بي چسو چو مزاج ٿي جيڪر.

”زيب“چاهت قبول ڪر مرڪي،
عشق جو هي خراج ٿي جيڪر.

☆

books.sindhsalamat.com

غزل

جنون ڪونهي ڪو غرور ڪونهي ڪو،
سڪون ڪو دل کي سرور ڪونهي ڪو.

اصول ماڻهن مان، ويو هليو ڪاڏي،
سڃاڻ ناهي ڪا، شعور ڪونهي ڪو.

سوال ڪهڙا هن، حساب هي ڇا جا،
ته پيار ۾ رکبو وڇور ڪونهي ڪو.

جمال تنهنجو بي مثال آ اهڙو،
ڪٿي ٻڌائڻ جو ضرور ڪونهي ڪو.

اداس دل هڪڙي، ٻه ٿهڪ هن مون وٽ،
ٻيو ته ڪو تحفو حضور ڪونهي ڪو.

اثر ڇميءَ جو ئي اڃان هلي پيو هي،
ڪڏهن چکيو ڪوئي، انگور ڪونهي ڪو.

اچڻ ٻه چاهين جي، غريب خاني تي،
ته ”زيب“ جو هي گهر، ٻه ڏور ڪونهي ڪو.

☆

sindhsalamat.com

وائي

هر هر ڏٺو اٿلائي،
هڪ ئي ورق ماضيءَ جو.

هو مور آ چڻ تر جو
هر بار ٿو تڙپائي،
هڪ ئي ورق ماضيءَ جو.

ڳالهه نه ڪائي آهي،
دل کي پيو سمجهائي،
هڪ ئي ورق ماضيءَ جو.

ڪلندي ڪلندي مون کي،
ٿو روئي هو ڳل لائي،
هڪ ئي ورق ماضيءَ جو.

مون رکيو هو ڪتابن ۾،
گل گل ويو مرجهائي،
هڪ ئي ورق ماضيءَ جو.

هي ”زيب“ سارو منهنجو
جيون ويو ڳڙڪائي،
هڪ ئي ورق ماضيءَ جو.

☆

books.sindhsalamat.com

مير حسن مهيسر

تعارف

نالو:_حسن علي
ادبي نالو:_ مير حسن مهيسر
والد جو نالو:_محبوب علي مهيسر
جنم جي تاريخ:_ 01 مارچ 1986ع
جنم جو هنڌ:_ڳوٺ پنجولوڙ ”مهيسر“
تعليم:_انٽر
ڪرت:_ڪرياڻه دڪان
لکڻ جي شروعات:_1999ع
لکيل صنفون:_گيت، غزل، چئوسٽا، پنج سٽا، ڪهاڻيون، نثري نظم، بيت، ٽيڙو ڏيڍ سٽا
ڇپيل مواد:_ ست گڏيل شاعري جا ڪتاب، ۽ ءِ سنڌ مڙني رسالن اخبارن ۾ ڇپجڻ جو سلسو جاري آهي هڪ غزلن جو مجموعو جلد اوهان سڄڻن جي هٿن ۾ هوندو.
استاد:_ مقصود گل، نورالدين نور مهيسر
اڻ ڇپيل مواد:_ٽن ڪتاب جيترو مواد ۽ لکڻ جو سلسلو جاري
ايڊريس:_جوڳي محلا روتوديرو
موبائيل نمبر:_0333_2146337

☆☆☆

sindhsalamat.com

نظم

ڀلي تون وسارڻ جي ڪوشش ڪري ڏس،
ڀلي سمنڊ کي تون ٻڪن ۾ ڀري ڏس.

ڀلي شام ڏاري پکين سان اڏي وڃ،
وڻي جي هوا سان پري تون اڏي وڃ،
هٽي منهنجي جذبن کي ڪاتي مڏي وڃ،
ڀلي سير وچ ۾ تي سهٽي ٻڏي وڃ،
ڀلي دل کي چيري تئي تي تري ڏس،
ڀلي تون وسارڻ جي ڪوشش ڪري ڏس.

ڀلي ڪو فڪر هاڻ منهنجو نه ڪر تون،
ڀلي هاڻ غيرن کي ڀاڪر ۾ ڀر تون،
ڀلي بيفڪر ٿي نه ڪو ڌيان ڌر تون،
ڀلي هج پنهنجي ڀا ڀي جي اثر تون،
ويل وقت واپس ڪيئن ٿو وري ڏس،
ڀلي تون وسارڻ جي ڪوشش ڪري ڏس.

ڀلي ياد جا تون ڪنول گل پٽي ڇڏ،
ڀلي واعدن کي لحد ۾ لٽي ڇڏ،
ڀلي پل پراڻن جا پر ئي ڪٽي ڇڏ،
ڀلي وچ ڀلي وچ منهن ئي مٽي ڇڏ،
وڇوڙن جو ٻارڻ ٿو ڪيسين ٻري ڏس،
ڀلي تون وسارڻ جي ڪوشش ڪري ڏس.

books.sindhsalamat.com

ڀلي گل تون ٽامن مان ٽوڙي ڏئي وڃ،
ڀلي سپ نشانيون مروڙي ڏئي وڃ،
ڀلي درد مچ ۾ گهروڙي ڏئي وڃ،
ڀلي بند رشتن جا ٽوڙي ڏئي وڃ،
ڀهل سان ڀهل ڪر تون ٽورو ڍري ڏس،
ڀلي تون وسارڻ جي ڪوشش ڪري ڏس.

ڀلي تنهنجي پائل سلامت هجي پر،
ڀلي عشق منهنجو سياست هجي پر،
مجازي حقيقي محبت هجي پر،
اصولي تفاوت عبادت هجي پر،
ڪڏهن ساھ ٽڏڙو اڪيلي ڀري ڏس،
ڀلي تون وسارڻ جي ڪوشش ڪري ڏس.

ڀلي وڻ ڪجي جو بجا ڏي وفا کي،
ڀلي گوٺ ويران صدا ڏي خدا کي،
ڀلي نڪ مان لاهي قلبي ڏي هوا کي،
ڀلي لت نڙي تي رکي ڇڏ قضا کي،
وڇوڙو حياتي ٿو ڏيمي چري ڏس،
ڀلي تون وسارڻ جي ڪوشش ڪري ڏس.

ڀلي تون "مهيسر" ٻرو ڇڏ "حسن" کي،
ڀلي تون نه روئجان ڏسي پو ڪفن کي،
ڀلي وچ اجاڙي هٿن سان چمن کي،
متان ياد اچئي ڏسي پو چپن کي،
جي ڏسٽو اٿي پوءِ هاٽي ذري ڏس،
ڀلي تون وسارڻ جي ڪوشش ڪري ڏس.

☆

sindhsalamat.com

نظم

امر آ پنهنجو پيار جانان،
پلي ڪٽي تون وسار جانان.

گلن ۾ جيسين هڳاءُ رهندو،
اداس جيون ۾ گهاءُ رهندو،
رَهي نہ دنيا بہ چاهہ رهندو،
مري بہ توسان نپاءُ رهندو.
سدا سکن سان گذار جانان،
امر آ منهنجو پيار جانان.

نہ نندڍ منهنجي ڦٽاءِ هاٽي،
نہ سڏ منهنجا وراءِ هاٽي،
نہ پنڌ منهنجا پچاءِ هاٽي،
پلاءِ مونکي پلاءِ هاٽي،
ڏبي نہ توکي ميار جانان،
امر آ منهنجو پيار جانان.

گذر ٿي ويندي قهر مثل آ،
حيات درياهہ لهر مثل آ،
اميد ابدي زهر مثل آ،
وٺي جي ٽڏڙي پهر مثل آ،
کپي نہ ڪائي بهار جانان،
امر آ منهنجو پيار جانان.

نہ ديپ يادن جا ٻارجان تون،
نہ پيار اڳلو سنڀارجان تون،
وسار سگهندي، وسارجان تون،
نہ "مير" پلجي پڪارجان تون،
ڏسون اوهان جي اڏار جانان،
امر آ پنهنجو پيار جانان،
پلي ڪٽي تون وسار جانان.

☆

books.sindhsalamat.com

نظم

پڇين پيو شرم نٿي،
بشير خان ڪيرهو.

اروڙ ديس جو ڏٽي،
مهان مڙس مٿير هو.
ابو جهاد سنڌ جو،
۽ انقلاب جو ابو،
غريب جي ڍال هو،
جهان ۾ مثال هو،
امير جو زوال هو،
فڪر جو سوال هو،
قسم خدا جو شير هو،
پڇين پيو شرم نٿي،
بشير خان ڪير هو.

نہ ذات ۾، نہ پات ۾،
ڏيئو هيو ڪو رات ۾،
سدائين سنڌ، وات ۾،
هيو دَلَنَ جي گهات ۾،
ٻجي نہ پيو دلير هو،
پڇين پيو شرم نٿي،
بشير خان ڪير هو.

امن جا قافلا وٺي،
چوي سپن ڪي هٿ ٻڌي،
نہ پاڻ ۾ آ جنگ سٺي،
ڪيو ٻڌي، ڪيو ٻڌي،
ڪيو گهٽن پو خير هو،
پڇين پيو شرم نٿي،
بشير خان ڪير هو.

سدا مسافتن ۾ هو
وڏي قدامتن ۾ هو
شمار محبتن هو
نپاءُ غربتن ۾ هو
عظيم رهبرن ۾ هو
سجاڻ قافلن ۾ هو
زبان ۾ ڦند نہ فير هو
پڇين پيو شرم نٿي،
بشير خان ڪير هو.

فڪر اي سيد جو ولي،
نظريئي جو متولي،
ڳالهہ جنهن جي هر پلي،
امام عشق جي ڪلي،
سير لئہ سوا سير هو
پڇين پيو شرم نٿي،
بشير خان ڪير هو.

گهٽا ٻجي پڄي ويا،
ٻرن اندر لڪي ويا،
سامراج سان ملي ويا،
دَٻَنَ ۾ دڳ پلي ويا،
وطن سان جن جو وير هو،
پڇين پيو شرم نٿي،
بشير خان ڪير هو.

رتي جي راڪ جو قسم،
لطيف جي راڳ جو قسم،
ديبل جي ماڳ جو قسم،
شهيد جي ساک جو قسم،
"مهيسر" وڏي سوا انڌير هو،
پڇين پيو شرم نٿي،
بشير خان ڪير هو.

sindhsalamat.com

نظم

جيڏو مزاج سهڻو تيڏا حسين ماڻهو
محفل لٽي وڃن ٿا محبت متين ماڻهو.

مرڪن ته بادلن ۾ گجگوڙ ٿي وڃن ٿا،
سنبرن ته چنڊ تارا حيران ٿي لڪن ٿا،
سرما وجهن اکين ۾ پوپٽ به ٿاٻڙن ٿا،
ذلفن کي واءُ لوڏي طوفان آهلن ٿا،
سندر نياءُ سوير اعليٰ ذهين ماڻهو
جيڏو مزاج سهڻو تيڏا حسين ماڻهو
محفل لٽي وڃن ٿا محبت متين ماڻهو.

رنگين انگڙائي، جوبن ڪشش قيامت،
چلجي هلڻ نرالو درياهہ لهر دهشت،
هرڻي مثل اڇل ۾ ڪيتو جهڙي قدامت،
ڪائي ڪمي نہ تن ۾ سارو وجود راحت،
دل جو گذر بسر هن، هر جاءِ رنگين ماڻهو
جيڏو مزاج سهڻو تيڏا حسين ماڻهو
محفل لٽي وڃن ٿا محبت متين ماڻهو.

سرخ سرخي چپن تي شيشا لڳل لٽن تي،
قدرت جو ڪرشمو آ چگهہ بنهي ڳٽن تي،
بخمل بدن خماري ڏسندي چڙهي بتن تي،
هڪڙي جهلڪ جو جلوو الهام شاعرن تي،
پرده چڏن ٿا ڪولي پرده نشين ماڻهو
جيڏو مزاج سهڻو تيڏا حسين ماڻهو
محفل لٽي وڃن ٿا محبت متين ماڻهو.

يوسف آ دل هنن جي، پنهنجو آ من ذليخا،
قدرت ڪري ڪر شمو متجي پئي ڪا ريکا،
گڏجي حساب ٿيندا رلجي ڪنداسي ليکا،
هت جو عذاب هت آ محشر هي ڪس ني ديکها،
گڏ گڏ رهن "مهيسر" خوابن مکين ماڻهو
جيڏو مزاج سهڻو تيڏا حسين ماڻهو
محفل لٽي وڃن ٿا محبت متين ماڻهو.

☆

نظم

تو اڪثر اهو سوچيندين،
۽ تنهائي ۾ روئيندين.
هڪ شخص مونسان هو پيار ڪيو
مون ناحق ان کي ڏار ڪيو
پو پڪ آ مون کي ڳوليندين.
تون اڪثر اهو سوچيندين.

آسمانن ۾ ڪڙڪا ها، ۽ رم جهم بارش برسي هئي،
سيءَ بہ ڏاڍا پارا ها، ۽ موسم بہ ڪا ٺڏڙي هئي،
ڪنهن جگنو جا پر پڳا،رات بہ شايد چوڏهين هئي،
ٿو رب ڄاڻي ان وقت منهنجي،ڪيڏي دلڙي تڙپي هئي،
ڪا يا د جي ڪڙڪي ڪوليندين،
پو پڪ آ مونکي ڳوليندين.

آ ڪردار تي آڱر اٿي، مون پيار ڪيو هو پنهنجن سان،
لک لفظن جا تير لڳا، پر ڪونہ مئس مان طعنن سان،
توکي حُسن تي غرور هيو، تون روز گهمين پئي نازن سان،
نيٺ تہ ويندو وقت وهي، اڄ نہ پر پو ڪن سالن کان،
جڏهن ٻار پينگهي ۾ لوڏيندين،
پو پڪ آ مونکي ڳوليندين.

ڪٿ شهنايُن مان چور اچي ڪٿي ٺهڪن مان ٿا لڙڪ ڇڻن،
خوشين جو جنازو آ، دردٿا بيهي ماتم ڪن،
ڪيڏا انڌن جي شهر ۾، پيا آئينا نيلام ٿين،
هي ماڻهو سوچن سمهجن ٿا، پر پوءِ بہ ٿا خاموش رهن،

books.sindhsalamat.com

منهن ويچارن سان ڏونئيدين،
پو پڪ مونکي ڳوليندين.

رات ننڊ ڦٽي وئي نيڻن جي ۽ ڪليل اکين سان خواب ڏٺو
خزان مند جوڇاٽيل هڪ مرجهايل گلاب ڏٺو
پيو پوئنر ان تي پيرا ڏي، پر پوءِ بہ هو نواب ڏٺو
قيامت جو منظر هو دوزخ جو عذاب ڏٺو
جڏهن ڳجهارت پروڙيندين،
پو پڪ آ مونکي ڳوليندين.

مان ”مهيسر“ ماٺ ڪئي، افسوس نہ آ ڪو محبت جو
تنهنجي من ۾ ٻيائي هئي، مونسان ساڙ نہ هو قسمت جو
توکي حسن هو پوت چڙهيو سستي ڪوڙي شهرت جو
مان پاڻ هئي گمنامي ڪنئي تون پاسو ورتو دولت جو
جڏهن پنهنجو پاڻ کي لوئيندين،
پو پڪ آ مونکي ڳوليندين،
تون اڪثر اهو سوچيندين،
۽ تنهائي ۾ روئيندين،

☆

sindhsalamat.com

طرحي نظم

سچي دل سان ٻڌائي ڪو اديبن ۾ انا ڇو آ،
علم پندار دلين جي حبيبن ۾ انا ڇو آ.

غزل سهڻا، نظم سندر اکر خوشبو گلابن جي،
شعوري سگهه ڪمائي ڪل ڪپٽ پريل ڪتابن جي،
وڏي تونگر، سدائين مان، لڱل لوري خطابن جي،
سوالن تي چڙي پوندا، خبر ڪهڙي جوابن جي،
خدا ڄاڻي مٺن ماڻهن عجيبن ۾ انا ڇو آ،
سچي دل سان ٻڌائي ڪو اديبن م انا ڇو آ.

وڏا معصوم ٻانيا ها ڪماڻي جي حدن تائين،
وڏا سالڪ سگهڙ سمجها هنر بيتن سٽن تائين،
صحافي چور شهرن جا سٺا سهڻا ٻنن تائين،
وزن جي قيد ڄاڻائل ٻلا شاعر ڇپن تائين،
سماجي سٽ، عوامي هٿ، طبين ۾ انا ڇو آ،
سچي دل سان ٻڌائي ڪو اديبن ۾ انا ڇو آ.

غرورن کي ڪري پاسي اڇو انسان ٿا ٻڌجون،
غريبن کي ڳلي لائي اڇو ٻڳوان ٿا ٻڌجون،
مٺن ٻولن ڪچن قولن سان بيمان ٿا ٻڌجون،
ڪڏهن عيسيٰ ڪڏهن موسيٰ ڪڏهن گل خان ٿا ٻڌجون،
علم م ڪو عمل ناهي نصيبن ۾ انا ڇو آ،
سچي دل سان ٻڌائي اديبن ۾ انا ڇو آ.

ڪتابن جا قصا ڪوڙا پروڙڻ سان پتو پوندو
جهان هيٺان جهان آهي ڪروڙڻ سان پتو پوندو
مکڻ ڪيڏو لسي ڪيڏ ي ولوڙڻ سان پتو پوندو
”مهيسر“ مان جي لفظن کي مروڙڻ سان پتو پوندو
اول آڱر ڪچي خود ڏي قريبن ۾ انا ڇو آ،
سچي دل سان ٻڌائي ڪو اديبن ۾ انا ڇو آ.
علم پندار دلين جي حبيبن ۾ انا ڇو آ-

☆

ناشاد شوڪت

تعارف

نالو:_ شوڪت علي
ادبي نالو:_ ناشاد شوڪت
ذات:_شنباڻي
والد جو نالو:_ عبدالجبار شنباڻي
ڄمڻ جي تاريخ :_ 12 فيبروري 2004ع ڳوٺ قيصر خان شنباڻي
تعليم:_ مئٽرڪ هلندڙ
لکڻ جي شروعات:_ ننڍپڻ کان
لکيل صنفون:_ غزل، نظم، وائي، هائيڪا، ڏيڍوٽا، دوها، ڪالم تنقيدي مضمون وغيره.
ڇپيل مواد:_مهراڻ، امرتا، هزارداستان، عبرت مئگزين، ڪاوش مئگزين، سرتيون، چاندوڪي، همسري، گل ڦل وغيره.
ڇپيل ڪتاب:_ڪو به نه
پيل مواد:_ٽين ڪتابن جيترو
رهائش:_ڳوٺ قيصر خان شنباڻي.
خط و ڪتاب لاءِ پوسٽ ايڊريس:_
ناشاد شوڪت شنباڻي پوسٽ آفيس ڪوٽڏجي ضلعو خيرپور ميرس.
موبائيل نمبر: 03056466040

پيار جون وايون گيت
مرتب: شبير حسن گبول/مبين اچڻ

غزل

جيون آهي کيل تماشو ٿورو ئي آ،
آئون آهيان منهنجو لاشو ٿورو ئي آ.
مانيءَ لاءِ رڙي ٿو مالڪ سڏي ڪري ٿو،
ٻُک مري پيو ٻار پياسو ٿورو ئي آ.
لڙڪ بيهڻ جو نالو ڪاٿي وٺندا هِن،
لوڻ مثل آ درد پتاشو ٿورو ئي آ.
پيار صدين جي پياس جو نالو آ پيارا،
پيار ڪو لهندڙ سج جو پاڇو ٿورو ئي آ.
ڪيڏا چهرا ماڻهوءَ چهري تي آهن،
ماڻهوءَ ماڻهوءَ پيار سچاتو ٿورو ئي آ.
روز مليو آ توکان مونکي او پيارا،
ڏڪو آهي يار دلاسو ٿورو ئي آ.

غزل

نفرت ڀريو تنهنجو لهجو نڪري ٿو
احساسن کان خالي رشتو نڪري ٿو.
پنهنجائپ جا سر تان پاڇا لڙيا آهن،
هن کان وڇڙي ساڻو سڏڪو نڪري ٿو.
جيجل جهڙو سايو دنيا ۾ ناهي،
ٻار روئڻ تي زوري ڏڪو نڪري ٿو.
تنهنجي گهر کان لنگهندي ائين ڇو لڳندو آ،
گڏ گڏ مونسان تنهنجو پاڇو نڪري ٿو.
تنهائيءَ ۾ سوچيان ٿو جڏهن آئون،
پنهنجي ڏار ٽيڻ جو الڪو نڪري ٿو.
سارو شهر ويڳاڻو آئون مسافر جيئن،
توبن جڻ اونداهو رستو نڪري ٿو.

غزل

ڪير هُن کي هاڻ سمجھائي اچي،
درد ۾ هيءُ شخص ريجھائي اچي.

ڪيترو روئندو رهي ٿو خيال ۾ م
خواب ۾ در تنهنجي ٻاڏائي اچي،

آخري سڏ ۾ هي سڏڪو آ بچيو
منَ پري هو پيرَ واجھائي اچي.

ڪيترا هي سور ٿا صدما اُٿن،
ياد هُن جي روز تڙپائي اچي.

هيءَ خزان ڪيڏي نہ آهي بي وڙي،
هوءُ سيئي گل شال مهڪائي اچي.

هُن ڪنڌيءَ جو ٻار ٿو سڏڪا پري،
ڪوئي پنهنجائپ مان ڳل لائي اچي.

چا چڏيو باقي اسان ۾ درد آ،
روز نئو هيءُ گھاءُ پيو گھائي اچي.

☆

غزل

قاتل پنهنجا پيارا نڪتا،
اغيارن سان سارا نڪتا.

هاءِ وڇوڙي جا سڀ لمحا،
ڪيڏا دردن وارا نڪتا.

سالن جي هئي سڪ اندر ۾،
نيٺ اچي وڻجارا نڪتا.

ٿر ۾ ٿي وئي ملهاري جيئن،
اُپ تي بادل ڪارا نڪتا.

جن ۾ هو وشواس اُهي ئي،
احساسن جا مارا نڪتا.

يادن ۾ ويو ڏينهن سمورو،
ڄاڻ اچي هِن تارا نڪتا.

☆

غزل

ڪير ٿيندو اچي همسفر دوستو،
راهه ڏي نيڻ ٿيا منتظر دوستو.

منهنجا سپنا اڌورا اڌورا رهيا،
ياد آهي ڏکن جو سفر دوستو.

درد جا دور آهن دلين تي لکيل،
ڪين خالي رهيو آ پهر دوستو.

بيوسيءَ جي لهر ۾ حياتي ڪُٺي،
ڪين تارڻ جو مليو ثمر دوستو.

پاڻ راهن ۾ رلندڙ مسافر جيان،
خوب آهيون ٿيا دربدر دوستو.

گل ٽڙيا ڪين آهن خزان ۾ سڄو،
ڪيڏو ويران ٿيو آ شهر دوستو.

ديپ هڪڙو بہ آخر وسامي ويو،
واءُ ڪيڏو ڪيو آ جبر دوستو.

☆

books.sindhsalamat.com

غزل

سارَ تنهنجي لُڙڪ ڏيندي ٿي رهي،
يادگيري روز ايندي ٿي رهي.

تون نہ تنهنجي آ اُها تصوير بس،
درد مونسان جا ونڊيندي ٿي رهي.

پوپٽن جيئن جلد گم ٿي وئي اُها،
راهه دل تِنهنجي تڪيندي ٿي رهي.

هر خواهش هر اڌوري التجا،
آس ٻڄي جڻ سڏيندي ٿي رهي.

ننڊ ۾ جيئن ٿي اچين مون ڏي هلي،
چرڪ پوءِ بس دل پريندي ٿي رهي.

روز من ۾ هوءَ اياڻي چوکري،
درد ڪيئي جڻ اڏيندي ٿي رهي.

☆

sindhsalamat.com

وائي

گهر جي کليل دري،
ڪيڏي اُداس آهي.

کولي نہ مون ڏني،
جـاري ۾ ڊائـري،
ڪيڏي اُداس آهي.

دنيا کان هيسيل،
معصـوم ڪا پري،
ڪيڏي اُداس آهي.

مايوس چنڊ ۾ مان،
منهنجي هي دل چري،
ڪيڏي اُداس آهي.

ويهي جا تو وڄائي
ڏڻ ساڻ بينسري
ڪيڏي اُداس آهي.
ڪيڏي اُداس آهي.

☆

وائي

منهنجا نيڻ پنا،
سانوڻيءَ جي مند ۾.

سهڻا سهڻا وڻ مان،
آهن گُل چنا،
سانوڻيءَ جي مند ۾.

لڳ ويا ڪانڊارجي،
تو جو درد ڏنا،
سانوڻيءَ جي مند ۾.

جاڳي جاڳي راتڙيون،
رڳو نيڻ رُنا،
سانوڻيءَ جي مند ۾.

پُسي سڀ چارا ويا،
ٻنيون ڳوٺ ٻنا،
سانوڻيءَ جي مند ۾.

☆

رحيم ڪوسو

تعارف

نالو:۔ محمد رحيم ڪوسو
ادبي نالو:۔ رحيم ڪوسو
والد جو نالو:۔ منگهن خان
تعليم:۔ بي اي
ڪرت :۔ ذاتي ڪاروبار
ادبي سڃاڻپ:۔ شاعر
ادبي عهدا:۔ سنڌي ادبي شاخ نندو جوائنٽ سيڪريٽري
ادب ۾ اچڻ جو سبب:۔ مظلوم ماڻهن جي آواز اٿارڻ
ايڊريس:۔ پنهون خان ڪوسو شهر ڪوسڪي تعلقو ٽنڊو باگو ضلع بدين
موبائيل نمبر:۔0306_3010100

books.sindhsalamat.com

غزل

وفائن جي تہ راهن ۾ گهڻو ڪجھ ير لٽايوسين،
ملي راحت ڪٿي ڪونهي اجايو غم پرايوسين.
عجب دستور چاهت جو ٻٽيو باعث دغائي ۾،
سڄڻ جي سور ۾ پنهنجي جگر جو رت جلايوسين.
ملائي اک ڪري قابو ڏڪاري چو ڇڏيئي در تان،
سهي سر تي رڳو ڏڪڙا پرين ڪي ير ڪلايوسين.
نڪو سنگتي نہ ئي ساٿي حياتي آ رهي باقي،
اجايو عمر ڪي ڪوڙن دلاسن ۾ هلايوسين.
ڪيو ٿي قيس هي ڪهڙو "رحيم" جي هن وفائن سان،
ڪيان دانهون وڏي واڪي دکي دل کي جلايوسين.

☆

غزل

ايڏي هجوم ۾ دل هوندي اداس آهي،
محبوب چو الائي ٿي پيو نراس آهي.
رٺو آ بي سبب هو اها ٿي ڳالھ ماري،
بي ڳالھ منهنجو دلبر درد شناس آهي.
درگذر ڪيون مون هن جون هڙئي خطائون،
مونکان خطا ٿِي هڪڙي بخشي جي قياس آهي.
دلبر جو در ڇڏي مان ڪاڏي وڃان ٻڌايو،
دردن جو تہ دل تي گذريو بنواس آهي.
ڪهڙي ڪمي "رحيم" رهي منهنجي وفا ۾،
ملندو بہ ٿِي مياري من ۾ تہ آس آهي.

☆

sindhsalamat.com

غزل

تنهنجي ناسي نيڻن ۾ ايڏا خمار هئا،
مونکي مليا نہ اهڙا ڪٿي قرار هئا.
رڻ ۾ پرين رلائي مونکي،وئين اڪيلو
تنهنجون تڪيندي راهون،ڳوڙها قطار هئا.
محبت ڪري پو هتجي نہ پوئين پيرين،
ميدان الفت ۾ زخم هزار هئا.
منهنجي زندگي جو عجب فلسفو هو،
ڦهري تنهنجا ڪيڏا مون تي وار هئا.
جيون سڄي ۾ مونسان آهي نہ ڪنهن وفا ڪئي،
مونکي مليا پنهنجن جا غم هزار هئا.
توڪان سواءِ "رحيم" ڪهڙي خوشي ملهائي،
دردي دل ذهن تي سوچ ئي سوار هئا.

☆

غزل

توکي حال دل جو ٻڌائڻ ٿي چاهيم،
ناتو نينهن توسان نڀائڻ ٿي چاهيم.
زماني جي نہ هئي ڪا گهرج مونکي،
صرف توکي پنهنجو بڻائڻ ٿي چاهيم.
وفائن جي بدلي مليا گهاءَ گهرا،
زخم دل تان سارا مٽائڻ ٿي چاهيم.
پرين مان بہ ڪيڏو نہ پاڳل هئس،
ويل وقت واپس ورائڻ ٿي چاهيم.
تمنا جي ٻيڙي ٻڏي پئي لهر ۾،
ڪناري تي ان کي پڄائڻ ٿي چاهيم.
زماني ڪيا هئا ستم ڪوڙ جيڪي،
"رحيم" سور سارا ٻڌائڻ ٿي چاهيم.

books.sindhsalamat.com

غزل

دجالي دئور ۾ آهن سمورا ذهن ويا زنگجي،
وريو آ واءُ هي ڪهڙو ويا سڀ واسجي ڏنگجي.
ڪٿي ٿيو ياءُ ياءُ جو آ وڏي ويون نفرتون آهن،
ڏٺاسين يار اڪڙين سان ويا رشتا هتي ڏبجي.
ٿيو هر هڪ خفا آهي جفائون ويون وڌي آهن،
پراڻين دوستين جا پيي پرم سارا ويا مٽجي.
اسانجي ديس وارن سان پئي سازش هلي ڪيڏي،
اسان کان ئي اسانجا سڀ وسيلا پيي ويا ڪسجي.
نٿو ڪوئي مري ڪنهن لئہ "رحيم" ادا سياڻو ٿي،
مفادي سڀ اٿي ماڻهون حفاظت تون ڪجان پنهنجي.

غزل

تسان وفا نہ ڪيتي اسان جفا نہ ڪيتي
تسان پلا هي چوڙيا اسان خطا نہ ڪيتي.
نظران تساڏي در تي، هن دير ديان اساڏيان،
هڪڙي نہ ديد دي ول سهڻا سخا نہ ڪيتي.
انگوري پيا پليندئي،پي پي ڪي ٽڪ ٻگيان هان،
جام نظر ڏيوڻ دي، ساقي صفا نہ ڪيتي.
هڪ وار آ چا ڏيکين، هڪ وار آ پڇين ها،
مئين ٿي ٻگيم فنا پر، تئين ڪيون بقا نہ ڪيتي.!؟
ميڏي ڪيتي وصل يا ول هجر هڪا ڳالهہ اي،
ترڪ تعلقي دي ڪڏهين دعا نہ ڪيتي.
ميڏا رقيب تيڏا همراز پل پيا ٿيوي،
شڪوه ڪڏهن نہ ڪرسان، ڪوئي گلا نہ ڪيتي.
هر حال وچ نڀئيسان، هر وقت پيا سريسان،
مئين هان "رحيم" عاشق، ڌوڪا دغا نہ ڪيتي.

sindhsalamat.com

غزل

ويو آ دور ٿي دلبر پلا ڪوئي ته ٻولي ڏي،
اچي ڏي دل کي ڪا راحت مٺا ڪوئي ته ٻولي ڏي.
وفا پوپان ٿڪم ٻوڙي پيو ڏاڍو مٺا آهيان،
وفا نالي ڪٿي ڪونهي وفا ڪوئي ته ٻولي ڏي،
گلابن جون ڪليون ساريون خزائن ئي ڇڏيون ساڙي،
بهارون موسمون ميلا سخا ڪوئي ته ٻولي ڏي،
زماني ۾ رهي ناهي سچائي ڪا ”رحيمَ“ هاڻي،
محبّتَ ڏي اهو دلدار ها ڪوئي ته ٻولي ڏي.

☆

غزل

لڙڪ رڪجن نٿا،
چاڪ سبجن نٿا.
درد هن دادلا،
سي ته لڪجن نٿا.
پيا وڇوڙا وڌن،
هاءِ گهٽجن نٿا.
رات اماس ٿي الا،
پنڌ ڪٽجن نٿا.
خام خيالي ۾،
زخم پرجن نٿا.
پيو ”رحيم“ سڏيان،
سڏ ٻڌجن نٿا.

☆

books.sindhsalamat.com

وائي

ساريندين پرين کي،
ٿي وڃي پرڀات،
اکيون روئن رت ڦڙا.

مونکي ڪئين وساري پئي،
آهي ڏکڙي بات،
اکيون روئن رت ڦڙا.

دوستي جي پرم ۾،
ڪنڌ ڪهي ويو ڪات،
اکيون روئن رت ڦڙا.

عجيب جي عشق ۾،
آهي ساهه سڪرات،
اکيون روئن رت ڦڙا.

”رحيم“ تي رحم پوي؟
ايندي ڪڏهن رات،
اکيون روئن رت ڦڙا.

☆

sindhsalamat.com

وائي

تنهنجي وڇوڙي ڏنا،
مونکي من ۾ گهاءَ،
منهنجي جيجل ماءُ

توکان پوءِ ناهي،
سک جو ڪوئي ساهه،
منهنجي جيجل ماءُ
راهون روز ڏسان،
هاڻي ته هلي آ،
منهنجي جيجل ماءُ

ڪئين سڄ الهي ويا،
جيءُ ۾ خوشي نه جاءِ،
منهنجي جيجل ماءُ

پيرو پڄ "رحيم" وٽ،
آس اٿم اها،
منهنجي جيجل ماءُ

☆

books.sindhsalamat.com

فياض ڏاهاڻي

تعارف

نالو:-فياض ڏاهاڻي
ادبي نالو:- فياض
والد جو نالو:-خادم حسين ڏهاڻي
ڄمڻ جي تاريخ:- 10 اپريل 2000ع
ڄمڻ جو هنڌ:- ڳوٺ سانولو خان ڏهاڻي
لڳ ميرپور پٽو تعلقو رتوديرو
تعليم:-انٽرميڊئيٽ
ڪرت:-ڪاروبار
لکڻ جي شروعات:-2014ع
لکيل صنفون:-گيت ۽ غزل
ڇپيل مواد:- ٻن گڏيل شاعري جي ڪتابن ۾ ڇپيل
استاد:-عجب شيخ، سانول شيخ
اڻ ڇپيل مواد:-هڪ ڪتاب جيترو مواد ۽ لکڻ جو سلسلو جاري
ايڊريس:-نادر شاهه محلو رتوديرو
موبائيل نمبر:-0341-8370431

☆☆☆

sindhsalamat.com

غزل

اجرڪ اوڙهيو تي تون راڻي تي لڳين
اج صفا سهڻي سنڌياڻي تي لڳين.
چيلهه تي چوٽو ۽ چوڙيون ست رنگي،
ڏاڍي نازڪ ۽ نماڻي تي لڳين.
دل چوي تي پيار سان هر هر پڙهان،
ڪا مڪمل تون ڪهاڻي تي لڳين.
گيت وايون ۽ غزل سرجڻ لڳا،
سوچ ڪائي شاعراڻي تي لڳين.
دل ”ڏاهاڻي فياض“ توکي ڏئي ڇڏي،
منهنجي من جي مالڪياڻي تي لڳين.

☆

غزل

تنهنجون سارون عبادتن وانگي،
مون سنڀاليون امانتن وانگي.
منهنجي سڏڻن تي تنهنجو در تي اچڻ،
هو اسان لئي مصافتن وانگي.
ٿاهه جون روز ڏين تو تاريخون،
يار تون بي عدالتن وانگي.
تنهنجي طرفان جيڪي مليا صدمان،
مون تي پانيان عنايتن وانگي.
زندگي تو بنا ”ڏاهاڻي فياض“،
آ پراڻين اڏاوتن وانگي.

☆

books.sindhsalamat.com

پيار جون وايون گيت
مرتب: شبير حسن گبول/مبين اچڻ

غزل

وار ويڙهي تي چوٽو ٻڌايو
جڻ تي سنڌڙي جو نقشو ٻڌايو.
پاڳ ۾ سو سپن کي ويو ماري،
جنهن کي جانان تو پنهنجو ٻڌايو.
عاشقو عشق آهي عبادت،
چو ٿا ان جو تماشو ٻڌايو.
دل چوي تي ڇڏيان جان گهوري،
اج ته قاتل تي لهجو ٻڌايو.
توکي دنيا ۾ ئي ”فياض“ مون لئي،
آهي رب پاڪ تحفو ٻڌايو.

☆

غزل

هي تمنا آ جان جان باقي،
توسان گڏجي عمر رهان باقي.
ڪر مسيحائي اهڙي جو نه رهي،
درد جو نانءُ ۽ نشان باقي.
غم پراڻا سيئي وڃن وسري،
ڏينهن خوشين سندا ڏسان باقي.
منهنجو سڀ ڪجهه اڳيئي آ تنهنجو
نانءِ تنهنجي ٻيو ڇا ڪيان باقي.
ساٿ تنهنجو ”ڏاهاڻي فياض“ ملي؟
ٻيو خدا کان مان ڇا گهران باقي.

☆

sindhsalamat.com

غزل

ڀل چڱي وچ تون پيار لئي سڪندين،
منهنجي ٻانهن جي هار لئي سڪندين.
هوندو مونکي ٻ ويس ڪارو پر،
تون ٻ ساجن سينگار لئي سڪندين.
هر ڪا موسم هوندي خزان لئي،
زندگي ۾ بهار لئي سڪندين.
مان ڏکي يا سُکي گذاريندس،
تون ت چين و قرار لئي سڪندين.
وقت اٿئي ”ڏاهاڻي“ سوچي وٺ،
”فياض“ منهنجي ديدار لئي سڪندين.

☆

غزل

ڪنهن ن تنهنجي ڪئي ڪمي پوري،
تنها گذري وئي زندگي پوري.
چنڊ ڪڪرن ۾ پيو لڪي هر هر،
ڪون حاصل ٿي چاندني پوري.
هن جو شايد هتان گذر ٿيو آ،
خوشبو خوشبو ٿي آ گهٽي پوري.
پاڻ ادنيٰ ڪان پيي آهيون ادنيٰ،
ڪٿ سکي آ شاعري پوري.
تنهنجو ڦوٽو ”ڏاهاڻي فياض“ ڏسي،
رات روئندي مون آ ڪٽي پوري.

☆

books.sindhsalamat.com

غزل

اوهانجي شهر کي جانان ڇڏڻ تي دل ن چوندي آ،
قسم سان ڳوٺ ڏي واپس وڃڻ تي دل ن چوندي آ.
سنهري باب يادن جا اکين آڏو ڦرن پيا ٿا،
ڪچهريون جت هيون پنهنجون اٿڻ تي دل ن چوندي آ.
حسينائن سان پريل آ سموري سنڌڙي سجني،
مگر تو کانسوا ڪنهن ڏي ڏسڻ تي دل ن چوندي آ.
اها ٻي ڳالهه آ ناهي جڏهن ٿيندو ملڻ تنهنجو،
تڏهن ڪنهن شخص سان منهنجي ملڻ تي دل ن چوندي آ.
”ڏاهاڻي فياض“ قسمت آ ڪيو جيئري جدا توکان،
پري پل پيي پرين پيارا رهڻ تي دل ن چوندي آ.

☆

غزل

دل لڳي جي سزا ت ملٽي هئي،
تهمتن کي هوا ت ملٽي هئي.
تنهنجي هٿڙن کي منهنجي خون سندي،
هڪ ڏهاڙي حنا ت ملٽي هئي.
دل جي دردن کي تنهنجي درشن جي،
نيٺ دلبر دوا ت ملٽي هئي.
تن ڪنوارن چپن جي چاهت کي،
دوست ڪائي دشا ت ملٽي هئي.
مون وفا ڪئي ”ڏاهاڻي فياض“ توسان،
تنهنجي طرفان وفا ت ملٽي هئي.

☆

sindhsalamat.com

الھڏنو ھالاڻي

تعارف

نالو:_الھڏنو
ادبي نالو:_الھڏنو ھالاڻي
والد جو نالو:_ محمد جمن
ذات:_لنجو
جنم:_ پھرين آگسٽ 1987ع
جنم ڀومي:_ ڳوٺ ڏينٽيون لنجا تعلقو اسلام ڪوٽ, ضلعو مٺي ٿرپارڪر
تعليم:_ميٽرڪ
ڪرت:_سرڪاري ملازم
لکڻ جي شروعات:_ 2013.ع
لکيل صنفون:_ غزل, گيت, نظم, ٽيڙو, نثر, ڪالم, مضمون
ڇپيل مواد:_ "ھزار داستان", "صحراءِ ٿر", "سامروٽي", "نئين جاڪوڙ"
"ٻانھياري", "حلال پاڪستان", "سنڌ ايڪسپريس سميت مختلف رسالا ۽ اخبارون
ڇپيل ڪتاب گڏيل شاعري طور:_
شاعري جو آڪاش " گڏيل شاعري سال 2017ع مرتب : احسان آڪاش
سُخنور سنڌ ڌرتي جا مرتب : احساس ميرل
گڏيل شاعري ڀاڳو ڀھريون سال 2017.ع
"مھڪيا گُل گلابي" گڏيل شاعري مرتب : واحد سوز ملاح سال 2019.ع
"جھونڪا پُورب واءُ جا" گڏيل شاعري مرتب وفا چولياڻي 2023ع
واٽس ايپ نمبر:_ 0347_3224531

غزل

رھي روشنين ۾ ٽري چوڪري ھئي,
ستارن ڪان سھڻي ڇري چوڪري ھئي.
مٺيءَ جي شھر جون ھنيليون ھوائون,
حُسن جي محل جي دري چوڪري ھئي.
جڏھن ھُوءَ مٺيءَ ۾ ملي مونسان مُرڪي,
لڳو جڻ تہ ڪائي پري چوڪري ھُئي.
لڳي اجنبي ٿي اسانجي شھر ۾,
اصل ھُوءَ ھتي جي ٽري چوڪري ھُئي.
خوشين جي لھر ۾ لُڙھي ويو" ھالاڻي",
اکين جي نديءَ مان تري چوڪري ھُئي.

☆

غزل

ھُوءَ جو مون وٽ ھاڻي پھتي,
تاڪ منجھند جي تاڻي پھتي.
روڪ جون سڀ ديوارون سھڻي,
ھرڪ ھٿن سان چاڻي پھتي.
ايئن خوشيءَ مان جھومي آئي,
جڻ ھُوءَ ڳوٺ اباڻي پھتي.
رُوح جي ڪٽ پُراڻيءَ ڪي,
وارن سان جڻ واڻي پھتي.
ھاڻي ھاڻي "ھالاڻي" جي,
ھُوءَ جو آھي نڪاڻي پھتي.

☆

غزل

سار تنهنجي سُور ڏيندي ٿي رهي،
هر گهڙي نئون پُور ڏيندي ٿي رهي.
چا چوان چُڙواڳ آهي هيءَ هوا،
ڏس مٽيءَ کي پُور ڏيندي ٿي رهي.
ڪا جواني جُهور ٿي سوچي پئي،
ڪا گهٽيءَ ۾ گهور ڏيندي ٿي رهي.
آ ”الله نا“ عشق ۾ ٿيندو نفعو
مونکي محبت موٽ ۾ بس مُور ڏيندي.

☆

چوسٽا

آءَ پٽن تي هيل وري تون،
مورن جا ڏس کيل وري تون،
مُرڪي پئي آ دل جي ڌرتي،
هاڻ تہ ڪرڪو ميل وري تون.

☆

سوچيو آ مون هاڻ پٽن تي،
گڏجي گهاريون پاڻ پٽن تي.
ڏينهن گهڻا مون اڳ ٻي گهاريا،
دلبر تنهنجي ڪاڻ پٽن تي.

☆

books.sindhsalamat.com

اياز شاھ اداسي

تعارف

نالو:_ سيد اياز علي شاھ بخاري
ادبي نالو:_ اياز شاھ اداسي
والد جو نالو:_ سيد سڪندر علي شاھ بخاري
ذات:_ سيد
جمڻ جي تاريخ :_ 01 جنوري 1989ع
جنم ڀومي: ڳوٺ الياس اوڍو درگاھ سيد مست عطر شاھ بخاري
ادبي سڃاڻپ: شاعر ۽ فنڪار
ڳائڻ جي شروعات: 1997ع   لکڻ جي شروعات: 2000ع
تعليم:_ مڊل اسڪول محمد صالح ٻرڙو مارون ٻرڙو
شاعريءَ ۾ استاد: والد سائين سڪندر علي شاھ بخاري، مشتاق بخاري
پسند جو ڪتاب:_قرآن شريف
پسند جو شاعر:_شاھ عبداللطيف ڀٽائي
پسند جي موسم:_بهار جي موسم
پسند جو گلوڪار:_ شمن علي ميرالي، ممتاز لاشاري، سرمد سنڌي
ڪِرت:_ذاتي ڪاروبار
ڇپيل گڏيل شاعري: ”ڪونج قطارون ذات جون“، ”ڏيئا جرڪيا ڏيهہ ۾“
”اکين جي اڪيلائي“ ”پيار جون وايون گيت“
ايڊريس:_ پوسٽ آفيس پي، او ڍڪڻ تعلقو ڳڙهي ياسين ضلعو شڪارپور
موبائل نمبر:_ 0346_1388424_0306_1223495

sindhsalamat.com

غزل

وڙهو پاڻ ۾ ٿا ليڪن ڏرتيءَ جو ڏوه ڪهڙو؟
پاڙيو ٿا دشمنين ۾ سرتيءَ جو ڏوه ڪهڙو؟
ظلمن جا تاب سهندي مس تہ هاڻي سُتي آ،
روئاريو ٿا چپ ڪندينءَ ڪي، پرتيءَ جو ڏوه ڪهڙو؟
ڪنهن جو جي پيار محبت ٿي ٿو وڃي زمانا،
مارين ٿو گڏ ٻنهين کي، دوستيءَ جو ڏوه ڪهڙو؟
ڪرسيءَ تي يار ويهڻ جنهن کي نٿو اچي تہ!
پٽ تي اچي ڪِري سو ڪرسيءَ جو ڏوه ڪهڙو؟
ڪِلندا آهن"اُداسي" شاعريءَ تي ڪوڙ ماڻهو
سمجهي لکي نہ شاعر، شاعريءَ جو ڏوه ڪهڙو؟

☆

غزل

سنڌ تي لڳو ڏاڙو آهي،
تيل ٿيو مهانگو ﭘاڙو آهي.
مهانگائي جو ويل ڏسي،
پريشان ٿي ويو ﭘاڙو آهي.
هر شيءِ تي آهي ٽئڪس لڳي وئي،
ڪنهن نہ ٻوليو ٻاڙو آهي.
ڪاريون ﭘوريون آٽي مينهون،
وڏيرن وڏو واڙو آهي.
"اداسي" غريب عوام ڪاڏي وڃي؟
هيڏي نہ ڪنهن جو لاڙو آهي.

☆

books.sindhsalamat.com

پيار جون وايون گيت   مرتب: شبير حسن گبول/مبين اچڻ

غزل

سوال مان ڪيان جواب تون ڏي،
علاج مان ڪيان عذاب تون ڏي.
آهي جي ڪوئي توسان ظلم!
حق مان ڪيان حساب تون ڏي.
سڪون جنهن مان مون کي ملي،
نشو مان ڪيان شراب تون ڏي.
الف کان هجي ي تائين لکيل،
مهورت مان ڪيان ڪتاب تون ڏي.
"اُداسي" هڪ چيز گهري ٿو اجان!
قبول مان ڪيان گلاب تون ڏي.

☆

غزل

توڙي هن تي سختي آهي،
گهر کان پوءِ بہ نڪتي آهي.
ٻيل جيان ٿي وار ورائي،
ڪيڏي هُن کي مستي آهي.
ٻار جيان ٿي ناز ڪري هوءَ،
راڻين جي ڄڻ بستي آهي.
سارو جيون دور رهي هوءَ،
سالن کان پوءِ پرتي آهي.
هُن جو نانءُ ڪٽڻ سان خوش ٿيان،
ڳالهہ اها سربستي آهي.

☆

sindhsalamat.com

غزل

پيار ۾ بيوفايون تي ڪرين،
هِي وري، ڇو جدايون تي ڪرين.
مان مران ٿو او مني تنهنجي ڪري!
تون رڳو پئي دغايون تي ڪرين.
توکي پنهنجن کان گهران بہ جي اگرا!
پر مون سان تون پڪايون تي ڪرين.
صنف ۾ چا مان لکان توتي صنم!
گيت يا پسند وايون تي ڪرين.
اج ”اُداسي“ آ گهڻو تولئہ اُداس،
شهر کان الودايون تي ڪرين.

☆

غزل

حُسن تنهنجو ائين ٿو نِسري،
جڻ ڪڪرن مان چنڊ ٿو نِڪري،
سڳو ڪارو ٻڌي چڙ جانان!
ڏائڻ ڏسي نہ ڪو توکي نظري،
روزانو آئينو تہ ڏسندي آهين،
چوڏس جو جڻ چنڊ ٿو ايري،
اسير ٻڌائي تي چڙين صفا!
جو تنهنجي پر مان ٿو گذري،
”اُداسي“ لکي ٿو شعر تو مٿان!
ياد تنهنجي جو نہ تي وِسري،

☆

پيار جون وايون گيت
مرتب: شبير حسن گبول/مبين اچڻ

غزل

ڏيئا تو جوت جلائي ڪاري رات جي ڪري،
مون نُور نچوڙيو اکين جو ڏات جي ڪري،
گيت، غزل، وايون مان سهيڙيندو رهيس،
سُنا شعر سرجيم، پرينءَ جي ذات جي ڪري،
حُسن جي ديوي اجان تہ دور گذاري تي،
جُستجو جاري آهي، ملاقات جي ڪري،
ڪتابن سان دوستي جڏهن کان تي اٿم،
دنيا ناراض آ مون تي، انهيءَ بات جي ڪري،
”اُداسي“ لکندو سچ آ ڪو مڃي يا نہ مڃي!
شاعري ورثي ۾ ملي، قلم قابليات جي ڪري،

☆

غزل

چمان ٿو هرهر توکي گلاب سمجهي،
ڏسان پيو توڏي حَسين مهتاب سمجهي.
زمانو ڪنهن جي اڳيان جهڪندو تہ ناهي مگر،
جهڪي ٿو جهان تو وٽ جناب سمجهي.
پيئاريو تو جي هو پاڻي پنهنجي هٿن سان!
بسم الله ڪري پي ويو هيس ثواب سمجهي.
پوي نہ شل ڪا مٽي تنهنجي پوشاڪ تي،
چنڊيان ٿو هٿن سان توکي ڪتاب سمجهي.
”اُداسي“ جو جيءُ جياپو توسان آهي صنم!
ڏجانءِ منهنجي تون سوال جو جواب سمجهي.

☆

ثناءُ الله ديدو دل

تعارف

نالو:_ثناءُالله
ادبي نالو:_ ثناء ديدو.. دل
والد جو نالو:_ قادربخش
ذات:_ ديدو_ دل
جنم:_ 6-7-2000ع
جنم ڀومي:_ ڳوٺ سن ديدا تعلقو اسلام ڪوٽ ضلعو مٺي ٿرپارڪر
تعليم:_ انٽر
ڪرت:_ پرائيويٽ جوب
لکڻ جي شروعات:_ 2016ع
لکيل صنفون:_ غزل، گيت، نظم، نثر، ڪالم
ڇپيل مواد:_ مختلف رسالن ۾

جن راڳين شاعري کي آواز جو روپ ڏنو انهن ۾ ماسٽر ولي، اسلم فقير، علي حسن خاصخيلي، پريم ساگر، فقير حبيب الله، علي اڪبر رند، شڪيلا نون، سنڌو ساگر، ثريا سومرو، فوزيا گڏي، واحد عرس، درس مجيد،اعجاز فقير، محمد خان رند

ڪال واٽس ايپ:_ 03475058596

books.sindhsalamat.com

غزل

سگهيون سارون لهڻ وارا ڪٿي آهين ڪٿي آهين،
وريا هن يار وسڪارا ڪٿي آهين ڪٿي آهين.
اسان جون هي اکيون تڙپن پيون ديدار تنهنجي لئه،
اچي ويا يار وڻجارا ڪٿي آهين ڪٿي آهين.
پيون ڪڙڪن وري ڪونجون منا ڪينجهر ڪناري تي،
رڳو تنهنجو پڇن چارا ڪٿي آهين ڪٿي آهين.
ڏٺي ڪي ڏينهن ٿيا آهن پرين ناهن لٿيون سارون،
سڪن پيا نيڻ ويچارا ڪٿي آهين ڪٿي آهين.
سوا تنهنجي حياتي هي اڌوري آ اڌوري آ،
سڏي سيني سمهڻ وارا ڪٿي آهين ڪٿي آهين.
هٿن مان پئي ”ثنا ديدا“ وڃي هي زندگي هاٽي،
پيو ڏي موت لامارا ڪٿي آهين ڪٿي آهين.

☆

غزل

رات گهڻي ٺري آهي ڪجهه ته ڳائي،
ياد هڪڙي وري آهي ڪجهه ته ڳائي.
ماٺ آهين پلا ساقي اڄ پيگ ناهي،
ڏس جواني ڀري آهي ڪجهه ته ڳائي.
هي آ مڌ جواني جو جذبن کي جاڳاءِ،
سهڻي ڪيئن تري آهي ڪجهه ته ڳائي.
ملڻ آهي مشڪل من کو معجزو ٿئي،
خير اڄ رات پاڳ پري آهي ڪجهه ته ڳائي.
چنڊ چمڪي پيو ساٿ ۾ ستارا اٿس،
ڪليل سامهون دري آهي ڪجهه ته ڳائي.

☆

sindhsalamat.com

غزل

ڳل تي ڳوڙها هار نہ هاٽي،
مونکي ايڏو سار نہ هاٽي.
ايئن هنئين ۾ هاڻ نہ هڻ،
تون تيز تکي تلوار نہ هاٽي.
جو پل گذريو سو پل ساري،
نير تون واهي نار نہ هاٽي.
منهنجي دل جو جُهوٻو جاني،
ڏيئي تيلي ٻار نہ هاٽي.
ڏک سک سارا ڪاٽي وچبا،
توتي ٿيندس بار نہ هاٽي.
سُور " ثنا" هي ڪيسين سهندو
ڪر دل کان ديدو ڏار نہ هاٽي.

☆

غزل

هُيو هڪ يار ڳوناٽو،
اکين جو تار ڳوناٽو.
قسم سان ڪونہ ٿو وسري،
هنئين جو هار ڳوناٽو.
هوائن جي هندوري ۾،
لُڏي ٿو ٻار ڳوناٽو.
ويا ڪيئي مٿي ڏينهڙا،
دُکي دل ڏار ڳوناٽو.
”ثناء“ سن ۾ سهي ديدو،
ڏُکن جو ڏار ڳوناٽو.

☆

books.sindhsalamat.com

غزل

غمن ۾ گذاري ڇڏي آ حياتي،
بنا تو سهاري ڇڏي آ حياتي.
گهٽو دل تہ توکي پڪاري پئي ٿي،
مگر تو بہ ڳاري ڇڏي آ حياتي.
اڌُورا اڌُورا رهيا خواب منهنجا،
پرين تو تہ هاري ڇڏي آ حياتي،
اوهانجو بهارن سان ناتو پُراڻو
اسان بس خزائن ۾ ڪاري ڇڏي آ حياتي،
سچو هو پيار تہ توسان ”ثنا“ جو
دلاسن ۾ ديدي ڏُتاري ڇڏي آ حياتي.

☆

غزل

دلبر توکان ڏار حياتي،
سر تي سمجهان بار حياتي.
داٽو پاٽي ڪونہ وٽي ٿو
بُتَ مان ٿِي بيزار حياتي.
جيءُ جَلي ٿو سِگريٽَ جيان،
ايش ٽِري ۾ چار حياتي.
مُحب مُبارڪ خوشيون توکي،
صدقو هِي صَدبار حياتي.
دل گُهري ٿي ديدي جي هِي،
شال پَسي ديدار حياتي.

☆

sindhsalamat.com

غزل

توبن حال بہ راٽا کھڙا،
منھنجا ٿاڪ نڪاٽا کھڙا.
ھر روز پٿن تي پٿڪن ٿا،
تن لئہ ھند وھاٽا کھڙا.
جن کان دلبر ڏُور رھي ٿو،
تن جا ڪنھن سان ماٽا کھڙا.
تنھائيءَ ۾ تڙپن جيڪي،
تن جا ٿڪ ۽ ٿاٽا کھڙا.
سنڌ سڪي ٿي پاٽي لپ لئہ،
کھڙيون ڪٽڪون ڏاٽا کھڙا.
تنھنجي غمَ جي گھاوَن کان وَڌُ،
ٿاٽا کھڙا گھاٽا کھڙا.

☆

غزل

اُپ ۾ تارا تنھنجون ڳالھيون،
ساڻ سيارا تنھنجون ڳالھيون.
پانڌيئڙن کان پڇندو آھيان،
ھاڻ پيارا تنھنجون ڳالھيون.
منھنجي من ۾ آھن جيڪي،
راز بہ سارا تنھنجون ڳالھيون.
سر تي سھٽا مون بہ کنيا ھن،
انگل آرا تنھنجون ڳالھيون.
مون کي وڌ وجھن ٿا ھاٽي،
عشق آوارا تنھنجون ڳالھيون.

☆

books.sindhsalamat.com

غزل

ياد ھُن جي وري اج وري آ وري،
دل سدا ھي سڄڻ لئہ چري آ چري.
واھ اھڙو وري ھُن جي خوشبو اچي،
دل جي ڪولي ڇڏي مون دري آ دري.
ھو زماني جي ريتن ۾ قاتل رھي،
ھي حياتي انھي لئہ ڪري آ ڪري.
يادگيريون ڇڏي ھاڻ ويئي لڏي،
دل ۾ دردن جي ٻيڙي پري آ پري.
تانگھہ ھُن جي تپايو آ ڏاڍو "ثنا"،
سار "ديدا" ھنئين ۾ ھُري آ ھُري.

☆

غزل

واريءَ منجھہ وڇاٽو آھي،
منھنجو گھر ڪڪاٽو آھي.
روز مران ۽ روز جيان ٿو،
مون لئہ جيون گھاٽو آھي.
سُور بہ ھر ھر ساٿ رھن ٿا،
ٿي پيو من ويڳاٽو آھي.
ھرڪا رات مئي پيالي،
صبح سيڪو ساٽو آھي.
نيڻ اياڳا ننڊ رُسي وئي،
يادن جو تہ وڇاٽو آھي.
مونکي ڏُور نہ ڳول پرين تون،
دلبر تو دل ۾ تہ نڪاٽو آھي.
سھندو سُور "ثناء" ھي ڪيسين،
"دل" جي دل داٽو داٽو آھي.

sindhsalamat.com

مهر فقير

تعارف

نالو:۔ اختر نواز عرف بادشاھ مهر

ادبي نالو:۔ مهر فقير

والد جو نالو:۔ غلام نبي مهر

جمر جي تاريخ:۔ 26 نومبر1966ع

جمر جو هنڌ:۔ ڳوٺ ڪاهي، ڳڙهي ياسين، شڪارپور سنڌ

تعليم:۔ ايم. اي ايڪانامڪس

ملازمت:۔ سرڪاري ملازمت

لکڻ جي شروعات:۔ 1986ع.

ادب ۾ داخل ٿيڻ جا سبب:۔ آيو عشق امام، سجدو ڪيوسي سونهن کي
(مهر فقير)

لکيل صنفون:۔ نثر ۽ نظم

ڇپيل مواد:۔ اخبارن ۽ رسالن ۾

ڳڏيل شاعريءَ جا ڪتاب:۔ (1)ڪوتائن ڪر موڙيا(2) اجريل اندر جو عڪس(3)شهيد روبينہ اڇڻ جي خون سان انصاف وارو سوال(4)گيڙو رنگ شاعري(5)نظمن جا نيڻ(6) بيت جي صنف تي ڳڏيل ڪتاب(7)زنگجي ويل خواب(8)اڪين جي اڪيلائي (9) تخليقون جهوميون جهول ۾

ڏس پتو:۔ سنڌ ڪتاب گهر، پٺائي چونڪ چڪرا ڳوٺ، ڪورنگي 01، ڪراچي سنڌ

موبائيل نمبر:۔0300_3335422

غزل

سوال تي سوال، جواب نہ ڪو
دردن جو رونبو لاب نہ ڪو.
آ ڳوٺ سڄي ۾ هٿيار سين ڪي،
ڪنهن پار هٿ، ڪتاب نہ ڪو.
ڪڇهري، گار تي گار صفا ننگي،
ننڍي وڏي جو آداب نہ ڪو.
ڳاٽ اوچو ڪوڙ جو ڪوڙ سلامت،
نظرجي سچ جو نصاب نہ ڪو.
نوڳين جا ڏس هت نت ٺاهوڪا،
محنت ڪش آ، ڪامياب نہ ڪو.
”مهر فقير“ هڪ ڇُميءَ جو سوالي،
ان سان ڪر من، حساب نہ ڪو.

☆

غزل

وڏنڊڙ نفرتن جي ڀُڙ ۾ تو پيسجان،
مان ڪمند آهيان ڳُڙ ۾ تو پيسجان.
طوفان زلزلو وڏڦڙو ۽ مسلسل ڳڙو
وڏي تي تباهي جُهڙ ۾ تو پيسجان.
نہ ٻُڌي ڪنهن دانهن ڏاڍو تہ رڙيم،
شور شرابي هُلُ ۽ لُڙ ۾ تو پيسجان.
ٻچن سوڌي ورتائين پناھ لوڪ ڪان،
چيو طوطي تہ الا ٽُڙ ۾ تو پيسجان.
مُحبت ۾ ”مهر فقير“ هڪ ڇُميءَ لاءِ،
ٻہ واتي تي وڌ ۽ مُڙ ۾ تو پيسجان.

☆

گيت

غربت ۾ سڀيئي سهارا ڇڏي ويا،
اسانکي اسان جا پيارا ڇڏي ويا.

هئي ڌن دولت قافلا ايندا ها،
نہ ڪڏهن پي الاوو فاصلا ايندا ها،
ويا گل ڇٽي تہ ڪارا ڇڏي ويا.

تارئون تار هاسي ڪنارا پليا ٿي،
ٻڌي هٿ ادب جا آڌو جهڪيا ٿي،
مڇي ٿيا متارا سارا ڇڏي ويا.

ٿيو حال هيٺو ويجهو ڪين آيا،
ڪيو مدد ڪائي خط پي لکايا،
رلي ويو مسافر چارا ڇڏي ويا.

ناهي ڪير ڪنهنجو اڙي او ”فقير“،
مري ”مهر“ ويندين ڇڪي پوندا چير،
آهي چنڊ اڪيلو ستارا ڇڏي ويا.

☆

books.sindhsalamat.com

گيت

حسن آ حقيقت حسن کي سلام آ،
منهن جو من آهي من کي سلام آ.

مرڪي ٿو منڙو مناس ڪان منو آ،
ڪرڪي ٿو پيارو چنڊ ڪان چٺو آ،
سرڪي ٿو پيئاري فن کي سلام آ.

ڏک ڏک دلڙي سڄڻ کي ساري ٿي،
هر هر هجر ۾ خود کي ڳاري ٿي،
ورندو ڪڏ وطن تي سن کي سلام آ.

اڳي پي هئاسون هاٽي پي آهيون،
چريو چاھ آهي چريا ٻيئي آهيون،
آ جواني ديواني جوڀن کي سلام آ.

”مهر فقير“ عاشق ڪندو عشق آهي،
عشق ساڻ ڪيچل ڪبي يار ناهي،
تون تون تار تن ۾ تن کي سلام آ.

☆

sindhsalamat.com

نظم

هيڏي آ سڻ هي چا ٿا چاهن،
غزل لولا گرھ ناهن،
بيتن جو پت پچندو ناهي،
او امان ماني پچاءِ
بک لڳي آ ساھ ٿو نڪري.

وايون گيت اجايا اديون،
لفظ ميڙي ڪتاب ٿا پريون،
ڪير تہ سو ڪتاب ڪائي،
بيتن جو پت پچندو ناهي،
او امان ماني پچاءِ،
بک لڳي آ ساھ ٿو نڪري.

ٽيڙو دوها پري ڪر بابا،
بک مرن پيا مينهون گابا،
ڪيئن تہ ڪير ڳئون لاهي،
بيتن جو پت پچندو ناهي،
او امان ماني پچاءِ
بک لڳي آ ساھ ٿو نڪري.

ناول ڪهاڻيون عجيب تشبيهون،
نت نيون هن روز صنفون،
ڪانفرنس ٻاهران ٻالڪ واجهائي،
بيتن جو پت پچندو ناهي،
او امان ماني پچاءِ
بک لڳي آ ساھ ٿو نڪري.

ڏاڍي بک لڳي آ ”مهر فقير“،
ڪير تہ اگهي بکي جا نير،
گرھ ڳيي لاءِ پيو واجهائي،
بيتن جو پت پچندو ناهي،
او امان ماني پچاءِ،
او امان ماني پچاءِ،
بک لڳي آ ساھ ٿو نڪري،
بک لڳي آ ساھ ٿو نڪري.

☆

نظم

نوٽن جي خوشبوءِ تي نڪ نہ ڪپايو،
اوهان پنهنجا ايئن حق نہ ڪپايو.

رکو زنده سدائين غيرت ۽ ضمير،
وڪامجي ٽڪن تي ٻڻجو نہ حقير،
گهر گهٽي رستو تڪ نہ ڪپايو،
نوٽن جي خوشبوءِ تي نڪ نہ ڪپايو.

هر قسم جا هٿيار رکو گهر ۾ سنڀاري،
اچي ڪو غير تہ وجهوس ماري،
باقي پنهنجن تي ڪو ڏڪ نہ ڪپايو،
نوٽن جي خوشبوءِ تي نڪ نہ ڪپايو.

سونهن ڌرتيءَ جي وڻ آهن پيارا،
ٻاري ٻيلن کي آٽيو نہ اونداهي خدارا،
ليون لاٽيون ڪرڙ اڪ نہ ڪپايو،
نوٽن جي خوشبوءِ تي نڪ نہ ڪپايو.

ها ننگن دنگن جا رکوالا ٻڻجو،
اوهين ايندڙ وقت لاءِ اجالا ٻڻجو،
سو پاڪر چميون چڪ نہ ڪپايو،
نوٽن جي خوشبوءِ تي نڪ نہ ڪپايو.

اسان اوهانجا آهيو اوهان اسانجا،
تاقيامت نہ ڪجو ختم هي لاڳاپا،
ٿوري غلطي تي من پڪ نہ ڪپايو،
نوٽن جي خوشبوءِ تي نڪ نہ ڪپايو.

صفا سادو سودو آهي ”مهر فقير“،
سنڌ سوا نہ ڪجھ چاهي ”مهر فقير“،
ڇپر ڇانو منهنجا ڍڪ نہ ڪپايو،
نوٽن جي خوشبوءِ تي نڪ نہ ڪپايو.

☆

وائي

گيت غزل وائي نہ،
پڙھ اکيون فقير جون.

عاشق توتي ازلئون،
ڪندو بيائي نہ،
پڙھ اکيون فقير جون.

اڪيلو اداس تنها،
ڪر ايڏي جدائي نہ،
پڙھ اکيون فقير جون.

پل آزماءِ جڳ جانان،
ملندء وفائي نہ،
پڙھ اکيون فقير جون.

ھڪ "فقير" ھڪ چمي،
ڪج نهڪر ڪائي نہ،
پڙھ اکيون فقير جون.

☆

books.sindhsalamat.com

وائي

گيت غزل وايون،
ساڙي چڏ،
ماني آڻ.

او ابا مري ويندم،
ڳُلئي ڪافيون،
ساڙي چڏ،
ماني آڻ.

واھ واھ داد سڪٽو
سندون ٽرافيون،
ساڙي چڏ،
ماني آڻ.

پينل عهدا ڪرسيون،
سيئي خواهشون،
ساڙي چڏ،
ماني آڻ.

"مهر فقير" سچ چوي،
انڌ جون عينڪون،
ساڙي چڏ،
ماني آڻ.

☆

sindhsalamat.com

ٽه سٽا بيت

پلي آئين پلا پرين، پسايئہ پنھنجا پير،
عيدون ڪيم اختر چئي، ڊولا خوشين ڍير،
ويجان نہ ڪنھن وير، وري ”مھر فقير“ وٽان.

پلي آئين پلا پرين، ساجن سونھن سرواڻ،
مري ويا مرض سارا، رتي ڪيئہ رهاڻ،
چوڏس ٿي چانڊاڻ، ملين ”مھر فقير“ سان.

پلي آئين پلا پرين، لٿو ڏيھہ ڏمر،
چوڏس چمن چانڊاڻ سنسار سڄو سحر،
چوي ”فقير مھر“،سرهو ٿيو ساه الا.

پلي آئي پلا پرين، اڱڻ مٿي عجيب،
نڪري پيا ندوري جا، نت نت نوان نصيب،
تو آئي يار طبيب، ويا سور صدين جا.

پلي آئين پلا پرين، وربو وري واءُ،
چوڏس هن چمن ۾، رڳو هير هڳاءُ،
ساجن تنھنجو سياءُ، منو آه ”مھر“ چئي.

☆

محمد عيسا گبول



تعارف

نالو:_ محمد عيسا گبول ادبي نالو:_ اٽڪڪ گبول
والد جو نالو:_ عبدالله فقير گبول پيدائش:_ 27 جنوري 1982ع
جنم هنڌ : ڳوٺ جاني گبول ڏهرڪي گھوٽڪي
تعليم:_ انٽر سائنس 2012ع
شاعري جي شروعات:_ ننڍپڻ کان
شاعري ۾ استاد:_ صوفي فقير مختيار علي گبول، بشيراحمد تعبير سومرو
لکيل صنفون:_ حمد، نعت، غزل، گيت، وائي، ڪافي، نظم ، نثري نظم، چوُسٽا ، بيت ، ڏوهيڙا وغيره وغيره
ڪرت:_ دڪاندار، راڳي (راڳ ڳائڻ)، سازندن ۾ هارمونيم، چنگ، يڪتارو چپڙي ، ڍولڪ، گھڙو وڄائڻ ۾ جاڻ رکندڙ ڳوٺ جاني گبول ۽ پير پاسي ۾ ٿيندڙ ادبي، موسيقي جي محفلن سان منسلڪ رهندڙ ۽ سنڌي ادبي سنگت شاخ جروار سان بہ منسلڪ رهندڙ.
ڇپيل مواد:_ پهريون ڪتاب (گڏيل شاعري) ڪتاب ”زنگجي ويل خواب“، رسالو نئين زندگي، ساٿي رسالو ڪوشش، ڪاوش، عوامي آواز ۽ مختلف ٻين اخبارن ۾
ايڊريس:_ ڳوٺ جاني گبول ڏهرڪي گھوٽڪي
فون نمبر:_0308_3722664

☆☆☆

غزل

اهي ڏينهن نٿا وسرن اهي راتيون نٿيون وسرن،
جڏهن تون ۽ مون گڏجي هڪ ٺاهيو هيو گلشن.
تنهنجي پيار ۾ منهنجا اهڙا حال ٿيا دلبر،
پرين پنهنجي باري ۾ لک ڳالهيون پيون لکجن.
محبت جون مٺيون ڳالهيون اجا ياد آهن سهٽا،
ڪچهريون قرب واريون صفا پليو نٿيون پلجن.
هٿ هٿڙن ۾ ڏيئي ڪيڏا قول اقرار ڪيئي،
ڪجھ پاڻ سنپار پرين، مٺا تا ماٿهون ڏين.
"اٽڪت" جي اندر ۾ تون، ساھ وانگي سمايل آن،
تنهنجي يادن جا ڏيئا، پل پل ۾ پيا ٽمڪن.

☆

غزل

عمر ڏي تون موڪل وڃان پنهنجي گهر ڏي،
وٺو مينهن هوندو اباڻن جي تر ڏي
اهي محل ماڙيون، وڃن مون کي ساڙيون،
سارن جيڏيون سرتيون، پرت مان تہ پر ڏي
ڪري قيد ڪوٺن ۾، ڪيو ئي قيدياڻي،
ٿيان مور نہ تنهنجي، ادا توڙين زر ڏي
ڦٽا ڦوڳ هوندا، چرندا چيلا هوندا،
مڇيا ميلا هوندا، اجايل تہ تر ڏي
مارئي نيٺ "اٽڪت"، ملي ويئي مارن سان،
اهي ٻوليون آيون، جهنگ ڪان جهر ڏي

☆

غزل

مون سان منڙا ملندين ڪڏهن،
يار سنپارون لهندين ڪڏهن.
تو لاءِ ڏاڍو ماندو آهيان،
نيڻ ڪٽي تون ڏسندين ڪڏهن.
پيار جا تحفا سهٽا سهٽا،
سي تون سائين وٺندين ڪڏهن.
روز اڱڻ تو يار ٻوهاريان،
پير پنهنجا رکندين ڪڏهن.
منهنجو آهين "اٽڪت"جاني،
پيار مان پيارل چوندين ڪڏهن.

☆

غزل

دل کي توڙين قرار ئي ناهي،
مون کي تو تي ميار ئي ناهي.
دل تہ ٽٽي هئي ٽٽي پئي آ،
ڪجھ ٿيو آ پچار ئي ناهي.
پيا ٽڪجي پکي تہ پر ماري،
هاڻ ڪٽ بہ اڏار ئي ناهي.
من ڏکارو ۾ اکڙيون آليون،
ڪو تہ ساري، سنپار ئي ناهي.
حال "اٽڪت" ٻڌائيجان روئي،
درد ايذا، شمار ئي ناهي.

☆

غزل

اکڙين جي عيد ٿي وئي مرڪي نهاريو تو آ،
محفل پري ۾ منڙا مونکي پڪاريو تو آ.
سالن جي سڪ هئي سهڻا توسان ملڻ لاءِ من ۾،
ارمان اڄ ٿيا پورا پر ۾ ويهاريو تو آ.
سنگتين بہ مونکي سارن لک لک ڏنيون مبارڪون،
پرم رکيو ئي منهنجو ڪلي ڪيڪاريو تو آ.
”اٽڪٽ گبول“ خوش ٿي تو ڪي پيار تنهنجو مليو،
ڳٽتين ڇڏيو هو ڳاري جيئڙو جياريو تو آ.

☆

غزل

مرڪ ڏڪا جي رکي چپن تي،
جيئون پيا بس زماني سان گڏ.
هزار سوچون اچن وڃن ٿيون،
رهون پيا بس زماني سان گڏ.
الائي چا چا سهون پيا دل تي،
کلون پيا بس زماني سان گڏ.
سفر وڏو آ سهارو گهرجي،
هلون پيا بس زماني سان گڏ.
چون ٿا ”اٽڪٽ“ اوهان جي لاءِ،
لکون پيا بس زماني سان گڏ.

☆

books.sindhsalamat.com

غزل

تيڏي پيار وچ هان پاڳل ڍولا،
هي تہ عشق دي اها منزل ڍولا.
اهين راز ڪون سمجهن سالڪ سچي،
هر مسئلي دا تون، حل ڍولا.
مين سر سجدي وچ رک ڇوڙيا،
تلوار تکيان مخمل ڍولا
تئين بن سيج بڻي سولي،
ڏس ڪيوين وڃن، گل ڦل ڍولا.
در تيڏي ”اٽڪٽ“ آيا هان،
تيڏا نور عجب جهل مل ڍولا.

☆

sindhsalamat.com

وائي

مون کان پنهل چوري وٺي ويا ڏير،
آئون اڃان ننڊ ۾ آهيان.

اديون مونکي ننڊ نهوڙيو
تڏهن ته قسمت پنهل نکيڙيو
منهنجي ڏيرن مونسان ڪئي وير،
آئون اڃان ننڊ ۾ آهيان.

هاڻ پنهور ۾ منهنجو چاهي،
مان ته وڃان پٺي ڪيچ ڏي ڪاهي،
سامهون ڏسان پٺي انن جا پير،
آئون اڃان ننڊ ۾ آهيان.

پيرين پيادي پنڌ جبل جو
سر کان وڌيڪ سڪ پنهل جو
پڄان پل ۾ ڪيان نه دير،
آئون اڃان ننڊ ۾ آهيان.

بگهڙ بلائون پلجان ڪائن،
"اٽڪٽ" منهنجون اکيون بچائن،
لکيو قسمت ڏاهيندو آ ڪير،
آئون اڃان ننڊ ۾ آهيان.

☆

books.sindhsalamat.com

ايم حنيف دل



تعارف

نالو:_ محمد حنيف دل
ادبي نالو:_ ايم حنيف دل
والد جو نالو:_ محمد حاڪم
ذات :_دل
جنم : 03/06/1989
جنم ڀومي:_ ڳوٺ ڪانٽيو تعلقو ڇاڇرو ضلعو مٺي ٿرپارڪر
تعليم :_انٽر
ڪرت:_پرائيويٽ جوب
لکڻ جي شروعات:_2018ع
لکيل صنفون:_ غزل، نظم، نثر، ڪالم
ڇپيل مواد:_ مختلف رسالن ۾
جن راڳين شاعري کي آواز جو روپ ڏنو انهن ۾
پريم ساگر، شوڪت فقير،طارق چانڊيو نعت خوان برڪت ڏيٿو
ڪال واٽس ايپ 03473242289

sindhsalamat.com

غزل

پيار ۾ دوکا مليا ناھن منا،
تو مٿان ماڻھو کليا ناھن منا.
سور چاھي کاخبر توکي نہ آ،
تو گرم ڳوڙھا چکيا ناھن منا.
عاجزي آھي اھائي، رابطا،
درد ڏيندي پيي گھٽيا ناھن منا.
ڏنپ ھر تان عشق مرکيو تو مگر،
عشق ۾ کلما پڙھيا ناھن منا.
زلزلا پالڻ سکيو آھي "حنيف"،
راز دل ۾ تو رکيا ناھن منا.

☆

غزل

ننڍا پوڙھا ٿيندا،
ويڙھا سوڙھا ٿيندا.
پئسو ايندو ۽ پو
تاجر ٽوڙھا ٿيندا.
حق ماريندي جيکر،
گھوڙا گھوڙا ٿيندا.
کير مڇيي کائيندا،
گڏ جو ڪوڙھا ٿيندا.
جاڳ ستا، نہ تہ لوئي،
ڇيندون ٽوڙھا ٿيندا.
مرک مرک ئي ٿيندي،
ڳوڙھا ڳوڙھا ٿيندا.

☆

غزل

پنڌ سان ھو سفر کو پتو ڪون ھو
ٿيو اُتان ھو گذر کو پتو ڪون ھو.
ساھ منھنجو سُکي يار ويندو ھِتي،
ڪون ھي کاخبرکو پتو ڪون ھو.
مان پڇان ھان کري پار دريا پرين،
ھا اوھان جو مگر کو پتو ڪون ھو.
باڙ تاڙي يکو پئي لُڇي پيار جا،
ڪون ايندا ککر کو پتو ڪون ھو.
رات کاري ھُئي مان مسافر مٿان،
کوٺ ڏيندو ثمر کو پتو ڪون ھو.

☆

غزل

جو کيو سو حساب پورو ھو
جوڙ کٽ ۾ جناب پورو ھوا!
تو ڏنو حوصلو پئي باقي ،
زندگي جو جواب پورو ھوا!
ھا فکر جي کمي ھئي شاعر،
وزن ۾ جڻ کتاب پورو ھوا!
ٿي ملڻ چاھيو سدا پر ھي ،
عشق جو احتساب پورو ھو
تون بچي آن پيو "حنيف" سدا،
حال باقي خراب پورو ھوا!

☆

شبير حسن گبول

تعارف

ادبي نالو:ـ شبيرحسن گبول
اصل نالو:ـ شبيراحمد گبول
تخلص :ـ شبيرڻ، شبيرحسن گبول
والد جو نالو:ـ علي حسن گبول
جنم سال هنڌ:ـ 17 فيبروري 1978ع ، ڳوٺ جاني گبول ڏهرڪي گهوٽڪي
تعليم:ـ بنيادي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول نٿو گبول ۽ گورنمينٽ برانچ مڊل اسڪول صاحب خان لنڊ مان ، 1993ع ۾ مئٽرڪ "A" گريڊ ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول جروار مان ۽ 1995ع ۾ انٽر سائنس "C" گريڊ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ميرپور ماٿيلو مان ، B.A (پاس سيڪنڊ ڊويزن) 1997ع ۾ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس مان.
1998ع ۾ آبداري ڪورس وارو سرٽيفيڪٽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر ڊويزن گهوٽڪي مان، 1998ع ۾ ٽائيپ رائيٽنگ جي ڪورس وارو سرٽيفيڪٽ ۽ 2001ع ۾ C. T گريڊ "B" ۾ علامه اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد مان، 2004ع ۾ ڪمپيوٽر ڪورس وارو سرٽيفيڪٽ ورتم.
ادبي استاد:ـ ڪامريڊ علي حسن گبول، پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي گبول، صوفي فقير مختيار علي گبول (ڏهرڪي)، استاد بشيراحمد تعبير سومرو ۽ استاد مفتون ڪورائي(ميرپور ماٿيلو)

استيج ڊرامن ۾ استاد:ـ صوفي فقير استاد مختيار علي گبول، استاد اورنگزيب ساگر سميجو ڏهرڪي
شاعري جي شروعات:ـ ننڍپڻ کان ئي 1990ع، باقائده شروعات 1992ع
ارپنا:ـ بابا سائين، جيجل امڙ ۽ سڄي انسانيت لاءِ
ڇپيل ڪتاب:ـ تاريخ گبول بلوچ ، (ڇپيل گڏيل شاعري جا ٽي ڪتاب- “نظمن جا نيڻ“، “زنگجي ويل خواب“، “اکين جي اڪيلائي“.)مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيل شاعري.
ڪرت:ـ واپڊا ملازم (سيپڪو سکر) ڳوٺ ۽ پرپاسي علائقي تر ۾ ٿيندڙ ادبي ميڙاڪن سان منسلڪ رهندڙ. سنڌي ادبي سنگت ڏهرڪي سان به منسلڪ رهندڙ ۽ سنڌي ادبي سنگت شاخ جروار جو ميمبر. ان کان علاوه ڊراما، خاڪا منهنجي گهڻ رخي سڃاڻپ ۾ اسٽيج اداڪاري به شامل آهي. “ڌرتي جا غدار“، “گهم ڦر ته هوا لڳئي“، “مارئي“، “حقيقت“، “گدوبندر“، “عشق نه پڇي ذات“ ۽ ٻين ڪوڙ سارن اسٽيج ڊرامن ۾ ڪردار ادا ڪري چڪو آهيان. ڏهرڪي، اوٻاوڙو صادق آباد، رحيم يار خان، گوهر آباد 8 نمبر، ميرپور ماٿيلو ، گهوٽڪي، خانپور مهر، جروار، جاني گبول ۽ پرپاسي ۾ ٿيندڙ اسٽيج شوز. ان کان علاوه سنڌي چيئنل ڪي ٽي اين KTN جي ٽيلي فلم ڀڳت ڪنور رام ۾ پڻ ڪردار ادا ڪرڻ جو سنهري موقعو مليو. 2013ع دوران ڏهرڪي ۾ تيار ٿيندڙ ٽيلي فلم “ٺڳن جو ڏان“ ۾ پڻ ڀيهر اداڪاري ڪرڻ جو موقعو حاصل ٿيو. سچل سرمست ويلفيئر ۽ ڪلچرل سوسائٽي ڏهرڪي سان به پڻ منسلڪ رهندو اچان پيو.
ايڊريس:ـ ڳوٺ جاني گبول واپڊا آفيس ڏهرڪي گهوٽڪي
فون نمبر:ـ 0301_3984140

☆☆☆

غزل

ڪيڏو بہ ڪيم سڏرڻ جي، ڪچائي ٿي بہ ويندي آ،
هر عمر ۾ يارو ڪا نہ ڪا چريائي ٿي بہ ويندي آ.

آهيان خيال جو محتاج جنهن پارايو آهي تاج،
ها ڪڏهن بغير محنت جي سرهائي ٿي بہ ويندي آ.

هر سهڻي شيءِ تي دل ڌڙڪي ٿي دل ڦڙڪي ٿي،
نہ ٿيڻ جي باوجود بہ، دل لڳائي ٿي بہ ويندي آ.

ائين بہ ٿيندو آهي اڪثر پيار ٿي ويندو آهي دلبر،
ناهي سوچ جنهن ڏي تن ڪان وفائي ٿي بہ ويندي آ.

عشق جي ڪا حد مقرر تہ ناهي جو مان محدود رهان،
دل ڦسڻ جي راز رکيم پر هل هلائي ٿي بہ ويندي آ.

ڪڏهن ڪڏهن ڪنهنجي ڳالهہ ڪون مڃان پنهنجي ٿو ڪيان،
ها عشق الهام! ۾ ڪڏهن پنهنجي خدائي ٿي بہ ويندي آ.

تون ڀل ڪر مخالفت سڄڻ منهنجي ڪمن سان پر،
آخر غلطيون ڪندي ڪيئيندي سچائي ٿي بہ ويندي آ.

هر سوچ سڄائي ٿئي هرهر ائين ممڪن نہ آ مگر،
هر سوچ يارو ڪڏهن سچائي ٿي بہ ويندي آ.

”شبير گبول“ حُسن تنهنجي تي عاشق ٿي پيو آهيان،
ڀل هاڻ ڪلي پيو لوڪ، خلقت ڪلائي ٿي بہ ويندي آ.

☆

نظم

ڪراچي، ڪوئيٽا، پيشاور لاهور ڀل ملتان گهمي ڏسي آ،
مگر منهنجي ڳوٺ شهر جاني گبول جو مزو پنهنجو آ.

ڪي ٽو ڪيرٿر، ڪارونجهر، ڀل ڪوهہ سليمان گهمي ڏسي آ،
مگر منهنجي ڳوٺ شهر جاني گبول جو مزو پنهنجو آ.

اسلام آباد، فيصل آباد، ڀل گلگت بلستان گهمي ڏسي آ،
مگر منهنجي ڳوٺ شهر جاني گبول جو مزو پنهنجو آ.

قلات، سبي، گوادر، بهاولپور، ڀل مڪران گهمي ڏسي آ،
مگر منهنجي ڳوٺ شهر جاني گبول جو مزو پنهنجو آ.

ڪشمور، ڪيٽي بندر، چاڇرو ڀل رحيميار خان گهمي ڏسي آ،
مگر منهنجي ڳوٺ شهر جاني گبول جو مزو پنهنجو آ.

ٽربر، روهي، نارائڻ، ڪشمير ڀل ڪاغان گهمي ڏسي آ،
مگر منهنجي ڳوٺ شهر جاني گبول جو مزو پنهنجو آ.

سنڌ پنجاب، خيبر، بلوچستان ڀل سارو پاڪستان گهمي ڏسي آ،
مگر منهنجي ڳوٺ شهر جاني گبول جو مزو پنهنجو آ.

ايشيا، آفريڪا، آمريڪا، ڀل ”گبول شبير“ سارو جهان گهمي ڏسي آ،
مگر منهنجي ڳوٺ شهر جاني گبول جو مزو پنهنجو آ.

☆

غزل

ثقافت سنڌ اپنائڻ سان دل کي سرور ملي ٿو،
فرض سنڌ نڀائڻ سان دل کي سرور ملي ٿو.
ٽوپي اجرڪ کھاڙي آهي شان اسان جي،
ڀٽائي جي ٻولي ڳالهائڻ سان دل کي سرور ملي ٿو.
ڪو ڪئين چوي، پل ڪو ٿتوليون ڪري،
سنڌڙي انب کائڻ سان دل کي سرور ملي ٿو.
موهن دڙو مڪلي، اروڙ چؤڪنڊي، ڀنڀور جي،
تاريخ سنڌ بچائڻ سان دل کي سرور ملي ٿو.
حقيقت آهي پاڪستان کان وٺي سڄي دنيا ۾،
صوفياڻا مچ مچائڻ سان دل کي سرور ملي ٿو.
هر محفل ۾ هر جڳهه تي هرهر ”شبير گبول“،
شان سنڌ ڳائڻ سان دل کي سرور ملي ٿو.

☆

غزل

سٽن سرن جو مون کي قسم آ،
توکان پوءِ پيار ختم آ.
تون ظاهر آن تون باطن آن،
ٻي سوچ فڪر افڪار ختم آ.
هر سر گر ۾ تون ئي تون،
پيو ڪو سر ۽ تار ختم آ.
جنم جنم کان پيار جو رشتو
پيو ڪو رشتو اظهار ختم آ.
مٺڙون پوندو تو کان پوءِ،
عشق ۽ عشقار ختم آ.
”شبير“ جي آهي سڀ ڪجهه آهي،
هر خوشي آزار ختم آ.

غزل

دم دلاسن جا ٽاڪا هڻڻ آئين جاني
ٽٽل دل آ مگر ڪو قاتل چولو نہ آ
تون ڪئين خريد ڪندين جذبن کي ير
جذبا جذبا هن ، سون جو ڪو تولو نہ آ
پل سڄي دنيا کي پنهنجو ڪري وٺ مگر
انسان کي پنهنجو ڪرڻ ڪو سولو نہ آ
”گبول شبير“ بہ تہ پيار لاءِ سڪي پيو
پيار ڏي پرين، بلوچ ڪو بم گولو نہ آ

☆

گيت

ڪجه تہ رحم ڪر مون مٿان،
او جان اي جان او مهربان.

هڪ اڱئي مون کي ٿو وڻين،
پيو ناز ڪري ٿو اڱيان ڪلين،
ٽيون سينگار جي اچين اڱيان.

هڪ پل پيي، ٿي نہ تون پري،
تنهنجي ڇڇڻ سان هانءُ ڏري،
حال دل هي ڪنهن کي ڏسان.

تو سان ازل کان ڳنڍيل آهيان،
پاڻ کان ٿو وڌ تو کي چاهيان،
”شبير“ کي نہ سمجهيو ئي اجان.

☆

نظم

هي هاري مزدور جي آ محنت، جو ٻانهن کي لوڏي هلين ٿو

هي ريل گاڏيون رستا، آسمانن تي جهاز ڪنهن اڏايا،
هر شهر، وستي، واهڻ، ٿر بر ۾ ڪارخانا ڪنهن آهن لڳايا،
هي محل ماڙيون ۽ بنگلن اڳيان، جي تون ڪارون جهلين ٿو.

زرخيز زر زمينون آباد ڪري ڏاهيو پورهيت جي پگهر سان،
تتي ٽڏي ۾ ويهي نه جن وقت آ وڃايو پورهيت جي پگهر سان،
هو روز بک ۾ تڙپي سمهن ۽ تون پلنگن تي سمهين ٿو.

ڪاليج يونيورسٽيون سائنسي نت روز تجربا ڪرين ٿو
هيٺ مٿي خلا تي تون نت روز رونقون ڏسين ٿو
روز پورهيت سختيون سهي ۽ تون آسمانن تي گهمين ٿو.

پورهيت جي پورهئي سان پروردگار ڪري ٿو پيار،
انهن ظالمن تي لک لعنتون، جي ظلم ڪن ٿا بيشمار،
نه لاهي سگهندين ڪو ٿورو، پورهيت جي پگهر سان پلين ٿو.

احتجاج معمولي نه سمجهه گڏ ٿي ظالم تي ڪاهي ڏيکاريو
جي حق نه مليو پورهيت کي، ته سڀ ڪجهه ڍاهي ڏيکاريو
هڪ ڏينهن "شبير" ثابت ڪنداسين تون ڪئين چالون چلين ٿو
پورهيت جي حق تي ڏاڙو هڻي تون خوش ٿي جيڏو کلين ٿو.

☆

books.sindhsalamat.com

وائي

تنهنجي حُسن کي،
گهوري گهوري ڏسڻ،
ڪو گناهه ته ڪونهي.

تو سان پيار ڪرڻ،
تو سان گڏجي کلڻ،
ڪو گناهه ته ڪونهي.

تو سان گڏ ويهي،
پنهنجا خيال ونڊڻ،
ڪو گناهه ته ڪونهي.

پيار ۾ ٿي سهٽل،
تو کي پنهنجو سڏڻ،
ڪو گناهه ته ڪونهي.

تنهنجي نيڻن کي،
نشو سمجهي پيئڻ،
ڪو گناهه ته ڪونهي.

تنهنجي ناز ادا تي،
غزل گيت وائي لکڻ،
ڪو گناهه ته ڪونهي.

لوڪ چا به چوي شبير؟،
تو ڪان شاعري سڪڻ،
ڪو گناهه ته ڪونهي.

☆

sindhsalamat.com

وائي

ديد سان ديد ملي،
پري کان ڏسي کلي،
بس عيد ٿي وئي.

ڪيڪاريندي ڏسي،
ڪيڏي خوش ٿي تلي،
بس عيد ٿي وئي.

آخر تهڪ نڪري ويس،
جڏهن تپ ڪاڏي ٻلي،
بس عيد ٿي وئي.

ٻانهن مروڙيندي،
ڏسندي ڪريس دلي،
بس عيد ٿي وئي.

ان گهڙي ”شبير“ لاءِ،
ٿي پيس شيخ چلي،
بس عيد ٿي وئي.

☆

books.sindhsalamat.com

هائيڪو/ ٽي سٽا / ٽيڙو

ٻڌس ٻاهر هوڪا
ماڻهون ڏي ماڻهون ڪي
ڏوڪي تي ڏوڪا

پيارو ٿي گرم چانهہ
وڏو مزو آيو پر
ڪيڊيا اٺئي دانهہ

”ڪان ڪان“ ڪري ڪانءُ
پرين آهي پنڌ ۾
ڏڙڪي پيو هانءُ

ڪارا ڪڪر جهڙ
پرين جي گهر مٿان
پيا برسن هر هر

سياري جي باهہ
هرڪو سوري پاڻ ڏي
پاڻ بہ ڪيون صلاح!

ٽوڪ تي آ ٽوڪ
شل سمجهي پرين
دل جي ٽوڪ

روز ڏسين قدرت
ڪڏهن اهو بہ ڏٺوئي
وٽن ۾ بہ نفرت

ٻچي ۾ لڙڪن ٻٽ ۽ ڏاڳا
الائي ڪڏهن سڌرنداسين
آهن روح ارواح ساڳا

ڊان جو هوٽل
چڏ ڪاوڙ کي پرين !
پيئون گڏ بوتل

ساڳيا آهيون ساڳا
اڃا ناهيون بدليا
آهن ٻچي ۾ ڏاڳا

ڊان جو هوٽل
وڪ کڻ اي دوست !
پرين آ پهتل

ائين نہ چئو رڳا
تبديلي اچي ٿي پئي
بس ٻچي ۾ ڏاڳا

نوٽ:ــ ڏهرڪي جو مشهور ڊان هوٽل جيڪو 2014ع کان پوءِ بند ٿي ويو

sindhsalamat.com

نہ ڪڍ ڙي چاگهان
نہ رهيا اهي بوسا
توکي ڏيئي سگهان

هر هر پيو ڪوڪ
پيار لاءِ اوپرين
ڪنهن کي نہ روڪ

تون جي ايندين
من جي شهر ۾
درد ونڊيندين

دل تي حملا ڊرون
ننڊ ۾ بہ آ تون تون
ڪري موبائيل فون

پيئون گڏ چانهہ
ملي جلي کائون
دال ساڳ مانهہ

ڊرامي بازي ڇڏ
اڄ مون ڏي جاني
هاڻ تہ رهون گڏ

هاڻي يار ننڊ ڪجي
ڪم پيا ٿيندا پرين
سوچن کي بند ڪجي

او سهڻا چنڊ رڏي
گڏجي محبت واري
ورهايون سڀ مڏي

سڀ ٿيا چڱا مڙس
ڪئين سمجهائجي
سيئي ڏين ٿا درس

تنهنجو انتظار
صبح، شام، رات
دل آهي بيقرار

پيار ۾ ڪر ها
دير نہ ڪر پرين
تو ۾ آهي ساهہ

رهي سنڌو ڪناري
پوءِ بہ آهي اڃايل
سياري ۾ اونهاري

منهنجو ڪهڙو ڏوهہ
ڏسي ٿيس عاشق
تنهنجو حسن ابوهہ!

منهنجو يار رهي ٿو گڏو
يار مان رهان ٿو روهڙي
ڪنهن سان ڪيڏيان لڏو

books.sindhsalamat.com

روحي خوشبوءِ
ائين هو جئين
هوبهو نازبوءِ

روحي خوشبوءِ پاڻ ڇاڻ
تنهنجو آهيان ۽ رهندس
پنهنجي پيار کي سڄاڻ

اهو رات ٻڌم يار خبر
ياد پرين جي ماريندو
وري موٽي آيو آ ڊسمبر

سيپٽمبر، آڪٽوبر، نومبر
ائين تون بہ موٽي آ پرين
جئين موٽي آيو آ ڊسمبر

وري موٽي آيو آ ڊسمبر
يار تہ رهي ٿو گڏو جاني
تون مون تي ڪر نہ جبر

ڪئين گذاريندين ڊسمبر
منهنجو يار رهي ٿو گڏو
ائين مون کي پئي آ خبر

☆

sindhsalamat.com

هائيڪو / تيڙو / ٽي سٽا
ڳوٺ جاني گبول (ڏهرڪي) وارن کي پيتا

ڳوٺ جاني گبول
جا سارا ماڻهو
آهن يار انمول

پيارا جملا ٻول
سونهن سينگار آهي
ڳوٺ جاني گبول

اڙي يار سارا ئي سارا
اڳتي وڌندا وڃن پيا
ڳوٺ جاني گبول وارا

دعائن جي آ جهول
صدا خوش آباد رهي
ڳوٺ جاني گبول

چون ٿا تر جا سارا
پنهنجي سوچ سوچن ٿا
ڳوٺ جاني گبول وارا

منهنجي آهي ساهه
ڳوٺ جاني گبول وارن ۾
تون به ڪر ويساهه

جاني گبول وارا
سچ آ ڪوڙ نٿو هڻان
آهن ڏاڍا پيارا

او علي علي ڪري ٻول
ڪو غم نه ايندوئي پر ۾
سدا جيئي جاني گبول

تون ٻول تون ٻول
ڪيڏو پيارو آهي
ڳوٺ جاني گبول

دنيا آهي گول
انمول آهي انمول
ڳوٺ جاني گبول

علي مدد فقير
تون دعا ڪر هرهر
ٿيان مان امير

داتا وارو هوٽل
منل عاشق ڳڏجي
ٿا پيئڻ بوتل

هڙڪي، صوفي ،لوٽي بيبر
ها پڪ ڏي ڪارائيندين
پوءِ ايندو مائين "شبير"

ڪٽي ، مني کوهه واري بيبر
اڄ ڳڏجي کايون جاني
ها جلدي وک وڌائي بيبر

books.sindhsalamat.com

راشد، اياز آصف اسرار
ڳوٺ جا سڀ استاد ڳڏجي
گڏ ٿي سڀ پڙهايون پار

منزل اڻ ڪٿ آ
ڪيڏو به ڪر مگر
پوءِ به جهٽ پٽ آ

شعيب، ياسين، سونارو
چيو علي خان رسول بخش
آ اٽڪت محبت جو مانارو

شبير، اعتزاض ۽ نثار
پاڻ ۾ ٽنهي ياڻرن جو
ڏس ير ڏاڍو آهي پيار

ڏس نثار، اعتزاض ۽ شبير
ٿئي يائر ڳڏجي ڪلندي يار
ٿا پيئڻ چانهه پاٽي ۽ کير

طفيل چيو ادا تنوير
آهن سهڻا پيارا منڙا يائر
نثار، اعتزاض شبير

غور سان ٻڌ آڪاش شباب
پيار وڌايو نفرت گهٽايو
پيار جي آ دنيا چيو ارباب

هن جو ٻول ٻول آ انمول
وک وک محنت جذبو جوش
ڊاڪٽر غلام علي گبول

شاهد صدام اشفاق ۽ ظهور
منل ، الهه بخش ۽ معشوق
منهنجي ڳوٺ جا آهن مور

سخي حسن ، تنوير ۽ اقرار
فرحان، افسر، طفيل ۽ ضامن
ٿا ڳوٺ سڄي ۾ ورهائن پيار

وسيم، نبيل، عابد، امداد
محمد، منور، عدنان، ابرار
نعرو هنيو امن زنده آباد

ذيشان، معشوق ۽ ضمير
چيو نثار ، اعتزاض ۽ فياض
ڪاءُ پيءُ چانهه ماني ۽ کير

او جلدي جلدي پٽي ڪايو
آنيون آنيون ڪٽڪن ڪي
پار ٿا ڏين هڪيئي ڪي رايو

ڪاشف چڙيو اظهار تي
تر بر، گورخ ۽ پنيور
سنڌ گهمون ير ڪار تي

sindhsalamat.com

استاد علي گل گبول چيو هيو
اچو سيئي گڏجي سڏجي ڪري
ملڪ جي هر نياڻي کي پڙهايو

سجاد، خادم، مجيد، مشتاق
چيو ڪا بہ احوال اورجي تہ
سڀ لاء هجي ير صاف پاڪ

ڳالھ ٻڌائي شڪل ۽ وزير
علي اڪبر ۽ عمر بخش کي
سگھڙ پير بخش هيو فقير

لعل محمد جان محمد ولي محمد
يارن جا يار، پنهنجو مٿ پاڻ هئا
ڳالھ ٻڌائي ير سکيو عرف احمد

تنهي ڀائرن جو هيو ملڪن ۾ هل
لعل محمد جان محمد ولي محمد
دشمن بہ تعريف ڪندا هئا بلڪل.

☆

books.sindhsalamat.com

ٽيڙو / ٽي سٽا

ڪامريڊ علي حسن گبول جي جدوجهد کي ڀيٽا

ملڪ سوني جهرڪي آهي
هاري مزدورن کي حق ڏيو
پاڪستان جي ترقي آهي

آهي ملڪ لاءِ اهم خواب
ڪامريڊ علي حسن گبول جو
هاري، مزدور انقلاب

ڪامريڊ علي حسن گبول
هاري مزدور انقلاب سان
ملڪ ۾ ٿي ويندا چوٻول

چوي ڪامريڊ علي حسن گبول
صرف هاري مزدورن کي حق ڏيو
ملڪ ۾ ترقي جا ٿيندا چوٻول

آ پاڪستان لاء خواب
نيٺ تہ هڪ ڏينهن ايندو
هاري مزدور انقلاب

اها ئي واحد سڙڪي آهي
هاري مزدورن کي حق ملن
پاڪستان جي ترقي آهي

هاري مزدور انقلاب
زندگي جا ڏنا ڪيئي سال
ڪيئي لکٽا آهن باب

گڏ هئا ڪامريڊ جام ساقي
ڪامريڊ مانڌل شر ساٿي
جيئارا رهندا نظريا باقي

شهيد نظير عباسي
ضرور ان جي نظرئي سان
ختم ٿيندي اداسي

نہ رڪيا آهيون
نہ وڪيا آهيون
نہ جهڪيا آهيون

هاري مزدور انقلاب
ملڪ ۾ سواليہ نشاني ؟
ڪڏهن بند ٿيندا عذاب

شايد رهندو خواب
ڇا پاڪستان ۾ ايندو ؟
هاري مزدور انقلاب

جدوجهد جاري آهي
جاري رهندي جيستائين
ملڪ ۾ رات انڌاري آهي

سڀ هاري مزدور زنده آباد
پورهيتن جو جيڪو حق کائي
ظالم سرمائيدار مرده آباد

sindhsalamat.com

شاٽ ڪٽ تي سٽا / ٽيڙو

ڏاريا
پنهنجا نہ ٿيندا
ٻاڙيا

ڪريا
عشق ۾ آهيون
چريا

يار
وطن سان ڪجي
پيار

درد
برداشت ڪن
مرد

ساڙ
وطن جي هر ويري کي
مار

طلب
۾ قدرتي آهي
مطلب

دل
محبتين سان هجي
ڪل

ڦر
الله سائين کان
گهر

مل
پنهنجن سان
ڪل

خواب
نہ ڪر ٻين جا
خراب

بک
ڪون ڪٽنڊائي
ڏک

مون
۾ آهين
تون

چٽ
کي نہ سمجهہ
گهٽ

☆

نظم

منهنجي ڳوٺ جاني جا نوجوان،
مؤلا وڏائيندن مان الله وڏائيندن شان.

ڪيڏا سهڻا هي پيارا آهن،
هڪ ٻئي لاءِ سهارا آهن،
هڪ ٻئي لاءِ ڏين ٿا جان،
منهنجي ڳوٺ جاني جا نوجوان.

محنت جن جي رڳ رڳ ۾ آ،
نالو تن جو هر جڳ ۾ آ،
همت حوصلي جا آهن چٽان،
منهنجي ڳوٺ جاني جا نوجوان.

ڏک سک جا هي ساٿي آهن،
دشمن لاءِ ٿيندا ڪاتي آهن،
اٿن محبت هڏي ۾ ايمان،
منهنجي ڳوٺ جاني جا نوجوان.

”شبير“ آباد رهن صدا شاد رهن
هي هر رنج غم کان آزاد رهن
هميشه رهن خانن جيان خان
منهنجي ڳوٺ جاني جا نوجوان

☆

صوفي فقير مختيار علي گبول کي پيٽا

پل هن تر جا هجن لک پير،
صوفي مختيار گبول فقير،
جي ڳالهہ نرالي آ.

امن صبر جي واٽ ڏيکاريو،
تر پنهنجي ۾ پيار سيکاريو،
حرص حوص کي ير ڏيکاريو،
پل تر جا هجن ڪيڏا پير،
صوفي مختيار گبول فقير،
جي ڳالهہ نرالي آ.

ڳائي وڄائي خوش ڪندو هو،
نہ ڀڏندو هو نہ گلا ڪندو هو،
هر ڪنهنجي تعريف ڪندو هو،
پل ڪيڏا هجن هت مير امير،
صوفي مختيار گبول فقير،
جي ڳالهہ نرالي آ.

"شبير گبول" آ صوفي شهنشاهہ،
مختيار فقير جو سڀ سان ناهہ،
سڀ ۾ آ هڪو ساهہ ڪر ويساهہ،
سڀ گڏ رهو ٻڌجي ڪنڌ ڪير،
صوفي مختيار گبول فقير،
جي ڳالهہ نرالي آ.

☆

books.sindhsalamat.com

مبين اڇڻ



تعارف

نالو:_محمد مبين اڇڻ
ادبي نالو :_مبين اڇڻ
والد جو نالو:_حسين بخش
ڄم جي تاريخ:_ 1991 ع
جنم ڀومي:_ کهڙا شريف
تعليم :_بي اي
ڪرت:_دوڪان دار
پسند جي شخصيت:_امڙ جيجل، بابا سائين ۽ ڀاءُ ربڏنو اڇڻ
ڇپيل ڪتاب_وايون مهڪيون واٽ تي، پره ڦٽيءَ جا پنڌ، شهيد روبينہ اڇڻ جي خون سان انصاف وارو سوال؟، موتين مالها شاعري، گيڙو رنگ شاعري،نظمن جا نيڻ، زنگجي ويل خواب، پيار جون وايون گيت
ايندڙ ڪتاب:_سرائڪيءَ شاعرن جو ڪلام (گڏيل شاعري)
نوٽ:_ڪنهن بہ شاعر دوست کي پنهنجي سرائيڪي شاعري ڇپرائڻ جو چاهہ هجي تہ هيٺين نمبر تي رابطو ڪري سگهي ٿو
هي گڏيل شاعريءَ جو سرائيڪي ڪتاب ادبي دنيا ۾ پهريون تاريخي ڪتاب هوندو انشاءَ الله
موبائل نمبر 03023216877

sindhsalamat.com

وائي

پيار جون وايون گيت،
وينو پيو ڳايان.
ليکا ڪهڙا دلدار سان،
چاجي هار ۽ جيت،
وينو پيو ڳايان.
سنڌڙي سدا آباد رهي،
سرسبز رهن سارا کيت،
وينو پيو ڳايان.
”مبين“ کي مشهور ڪيو
پيارا تنهنجي پريت،
وينو پيو ڳايان.

☆

غزل

دعا ڪٿي آ،
دوا ڪٿي آ.
بک تي مارون،
خدا ڪٿي آ.
آدم اڪيلو
حوا ڪٿي آ.
اميرن ۾ ساڳي،
سخا ڪٿي آ.
اک تي ڳولي،
ابا ڪٿي آ.

☆

مون ناچيز کي نوجوان شاعر مظهر علي ميربحر جي شاعريءَ ۾ ڏنل پيتا آئون سندس جي ڏنل هن قلمي پيتا جي لاءِ تاعمر دعاگو آهيان.

شاعر مبين اڇڻ

وائي

مظهر علي ميربحر

سَؤ سَؤ سختيون سور سهي ٿو
مبين اڇڻ لَکَ لهي ٿو.

همٿ هشمت وارو آهي،
نهِي ڊهي ۽ ڊهِي نهي ٿو.
مبين اڇڻ لَکَ لهي ٿو.

سنڌ سندي الفت سان پنهنجي،
تن ۽ من کي تار رکي ٿو.
مبين اڇڻ لَکَ لهي ٿو.

غربت جي گهيري ۾ هوندي،
پو بہ توانو چاق رهي ٿو
مبين اڇڻ لَکَ لهي ٿو.

مظلومن کي ڏسي ڏکن ۾،
هِنَ جي اکِ مان آب وهي ٿو
مبين اڇڻ لَکَ لهي ٿو.

سچ چوندو آ سچ لکندو آ،
ڪِينَ ڪڏهن ڪو ڪوڙ ڪهي ٿو
مبين اڇڻ لَکَ لهي ٿو.

☆